اِنَّمَا اللّٰهُ اِلٰهٌ وَّاحِدٌ (النساء- ١٧١)

# توحيد

ڪراچي

وحده لاشريڪ له اهو وهائج وِيُ (شاهه)

سنڌ ۾ توحيد جي دعوت لاءِ فڪر ۽ عمل جون
نيون راهون روشن ڪندڙ ماهوار ڪتابي
سلسلو-9

سرپرست اعليٰ: مفسر قرآن
حڪيم الاسلام مفتي عبدالوهاب چاچڙ

**سرپرست**
پروفيسر سيد عباد الله راشدي

**چيف ايڊيٽر**
محمد سليمان طاهر انڍڙ

**ايڊيٽر**
نور احمد ميمڻ

**مشاورتي بورڊ**
مفتي محمد صادق سومرو
عبدالستار عباسي
محمد انس راڄپر
محمد رفيق پرڳڙي
نديم احمد سولنگي

رمضان المبارڪ ١٤٣١ هه مطابق آگسٽ 2010ع

## فهرست

| | | |
|---|---|---|
| حڪمت قرآن | ادارو | 2 |
| حڪمت رسول ﷺ | ادارو | 3 |
| اسماءُ الله الحسنيٰ | حضرت روضي ڏني | 4 |
| قرآن مجيد کان انحراف ڪندڙ معاشرو | چيف ايڊيٽر | 5 |
| توحيد جي تقاضا اتحاد آهي | مولانا ابوالڪلام آزاد | 7 |
| مسلمانن ۽ اهل ڪتاب جون هڪجهڙيون تمنائون | مولانا محمد انس ڙاڄپر | 9 |
| روزي جي فلاسافي | مولانا ابوالڪلام آزاد | 13 |
| فرقي باز انسان جي نالي | محمد سليمان طاهر انڍڙ | 15 |
| قرآن جو عملي پروگرام ئي ان جو حقيقي اعجاز آهي | مولانا عبداللطيف نانگراج | 18 |
| اولاد جي تربيت جا ڪي اصول | حڪيم عطاءُ الله پناڻ | 23 |
| دعوت جو دائره ڪار | نور احمد ميمڻ | 27 |
| قرآن مجيد مغربي دانشورن جي نظر ۾ | علامه عبدالله منهاس | 30 |

**سرڪيوليشن ۽ مواد لاءِ رابطي جي ايڊريس**
حڪمت قرآن انسٽيٽيوٽ،
6 سنڌي جماعت ڪو آپريٽو سوسائٽي، جوڳي موڙ بس اسٽاپ، نيشنل هاءِ وي
ڪراچي 75030 فون: 021-4213117 موبائل: 03002707097
www.hikmatequran.org email: hikmatequran@gmail.com

الله تعاليٰ جي توحيد ۽ معرفت ۽ سنت رسول ﷺ جو پيغام پنهنجي چوڌاري انسانن تائين پهچائڻ جي لاءِ ماهوار توحيد 100 پرچا 500 روپين جي وي پي سان گهرائي دعوتي مشن ۾ شامل ٿيو.



# حڪمتِ قرآن

أَفَأَمِنُوا مَكْرَ اللّٰهِ ۚ فَلَا يَأْمَنُ مَكْرَ اللّٰهِ إِلَّا الْقَوْمُ الْخَاسِرُونَ (سورة الاعراف-99)

“ڇا انهن شخصن الله تعاليٰ جي لڪل رٿا بندي کان بچاء حاصل ڪري ورتو آهي پوءِ الله تعاليٰ جي لڪل تدبير کان فقط اهي ماڻهو بي ڊپا ٿي سگهن ٿا جيڪي سخت نقصان ۾ پهچڻ وارا آهن”

هن آيت ۾ الله تعاليٰ نافرمان ماڻهن کي تنبيهه ڪري ٿو ته هو بڇڙن عملن ڪرڻ وقت اها ڳالهه چڱي ريت ياد رکن ته الله تعاليٰ جا فطري قانون هر وقت جاري ۽ موجود آهن ۽ انهن جو نتيجو هر وقت سامهون ايندو ٿو رهي. ڇا انهن انسانن پاڻ لاءِ ڪو بچاء جو رستو ڳولهي ڪڍيو آهي؟ انسان جڏهن اقتدار جي ڪرسي تي قبضو ڪري ويهندو آهي ته هو پاڻ کي خود مختار سمجهڻ لڳندو آهي ۽ چوندو آهي ته هاڻي منهنجو ڪو به احتساب نٿو ڪري سگهي. پر اها سندس اڻ ڄاڻائپ ۽ ڀل آهي. دنيا جي تاريخ ٻڌائي ٿي ته نافرمان ماڻهو پنهنجي ئي وڇايل ڄار ۾ اهڙي طرح ڦاسي ويا ۽ اونڌي منهن ڪري پيا جو انهن کي سندن مال ۽ ملڪيت ۽ اقتدار ۽ اختيار ڪو به فائدو نه ڏنو ۽ نه وري انهن کي خدا جي جاري قانونن ۽ لڪل تدبير مان ڪين بچاء ملي سگهيو. خدا جا قانون اهڙي طرح عمل ۾ ايندا رهن ٿا جو انهن جي نتيجن کان ڪو به محفوظ رهي نٿو سگهي. انسان ڪهڙي به محفوظ ۽ لڪل جڳهه تي ڇو نه لڪي وڃي پر خدا جي پڪڙ کان هو بچي نٿو سگهي. هن جو گهيراء نيٺ تنگ ٿي ويندو آهي. وڏي ڳالهه اها آهي ته هن کي ان انجام جي ڄاڻ به نٿي پوي. اچانڪ هڪ “عبرتناڪ تباهي” هن کي صفحه هستي تان ميٽائي ٿي ڇڏي. انسان کي خدا جي لڪل تدبير کان ڪڏهن به بي ڊپو نه ٿيڻ گهرجي. انسان کي انهن قومن جي تباهي جي نشانن جو مشاهدو ڪرڻ گهرجي ۽ انهن ۾ غور ۽ فڪر ڪرڻ گهرجي ته انهن قومن کي ملڪيتن، ماڙين، اقتدار جي اختيارن ڪو به تحفظ نه ڏنو. انهن جا ڀيا اڇي وارث ٻٽيا ۽ پاڻ عبرت جو نشان بڻجي ويا.

### قرآن مجيد جي پڙهڻ جو حق

اهو ٽن ڀاڱن ۾ ورهايل آهي. (1) ظاهر جو حق (2) باطن جو حق (3) عمل جو حق. ظاهر جو حق هي آهي ته قرآن حڪيم کي لفظي صحت سان پڙهيو وڃي. باطن جو حق هي آهي لفظن جي ادائگي سان گڏوگڏ انهن جي معنيٰ سمجهڻ جي به ڪوشش ڪئي وڃي ۽ اها ڄاڻ رهي ته جيڪو پڙهيو رهيو آهيان، ان جو مطلب ڇا آهي؟ تلاوت جو ٽيون حق اهو آهي ته ان کي پڙهڻ ۽ سمجهڻ کانپوءِ ان تي عمل ڪيو وڃي. ان سان ئي ان جي نزول جو مقصد پورو ٿيندو.

## حڪمتِ رسول صلي الله عليہ وسلم

مَا مِنۡ يَومٍ يصبح العباد فيه اِلّا مَلکانِ يَنزِلَان فَيقُول اَحد هُما اَللّٰهُمَّ اَعۡطِ مُنۡفِقًا خلفًا ويقولُ الآخَر اَللّٰهُمَّ اَعۡطِ مُمۡسِكًا تَلَفًا (بخاری)

”ڪو بہ ڏينهن نہ ٿيندو آهي تہ ٻہ ملائڪ صبح جو انسانن ۾ نازل ٿيندا آهن. انهن مان هڪڙو چوندو آهي تہ الله تعاليٰ خرچ ڪندڙ کي وڌيڪ عطا فرماءِ. ٻيو چوندو آهي تہ الله تعاليٰ بخيل جي مال کي برباد ڪر.“

سخاوت مسلمان جي صفت ۽ فياضي ان جي نشاني آهي. مسلمان ڪنجوس ۽ بخيل ٿي نٿو سگهي. ڇو تہ اهي ٻئي شيون انسان کي انسانيت جي دائري مان ڪڍي ڇڏين ٿيون. ڪنجوسي ۽ بخيلي نفس جي پليت هجڻ ۽ دل جي انڌيري جون نشانيون آهن. حالانڪ مؤمن جي دل ۽ نفس ايمان ۽ عمل جي سبب پاڪ ۽ روشن هوندو آهي. ان ڪري نفس جي پاڪائي ۽ دل جي روشني، ڪنجوسي ۽ بخل جي سراسر ابتڙ آهن. قرآن مجيد ۾ رسول ڪريم کي ارشاد فرمايو ويو تہ ”انهن جي مال مان صدقو وٺي انهن کي پاڪ ۽ صاف بڻايو.“ ٻئي هنڌ فرمايو ويو ”۽ جيڪي شخص نفس جي بخيلي کان بچي ويا اهي ئي ڪامياب ۽ ڪامران شخص آهن.“ پيغمبر اسلام ﷺ جن فرمايو تہ: ”ٻن شخصن سان حسد ڪريو (تہ جيئن اهي وصفون اسان ۾ بہ هجن) هڪ شخص جنهن پنهنجي مال کي الله جي راهہ ۾ لٽائي ڇڏيو ۽ ٻيو شخص جنهن کي الله تعاليٰ علم ۽ حڪمت سان نوازيو هجي ۽ اهو ان جي تعليم ڏئي ۽ فيصلو ڪري“

هڪ ڀيري پيغمبر اسلام ﷺ جن صحابين سڀ ۾ پڇيو تہ: ”اوهان مان ڪير آهي جيڪو وارث جي مال جي حفاظت پنهنجي مال کان بہ وڌيڪ ڪري ٿو؟ جواب ڏنائون تہ هر هڪ پنهنجي مال کي وڌيڪ پسند ٿو ڪري. ارشاد فرمايو ويو تہ جنهن مال کي گهر ۾ حفاظت سان رکو ٿا اهو تہ وارث جو مال آهي، اوهان جو مال تہ اهو آهي جيڪو غريبن ۽ مسڪينن جي ضرورتن کي پوري ڪرڻ ۾ ورهائي ڇڏيو.“ (بخاري)

فرمايائون تہ بخل جي ڪري اڳيان ماڻهو هلاڪ ٿي ويا. انهن مال جي محبت ۾ ماڻهن جا خون وهايا ۽ حرام شين کي حلال ڪري ڇڏيو. (مسلم)

فرمايائون تہ هڪ جاهل سخي الله تعاليٰ کي هڪ ڪنجوس عابد کان وڌيڪ پيارو هوندو آهي. (بخاري)

هي بہ فرمايائون تہ سخي ٻانهو الله جي ويجهو آهي. الله جي ٻانهن جي ويجهو آهي. (يعني خلق خدا ان سان پيار ڪندي آهي ۽ دعائون ڏيندي آهي) جنت جي ويجهو آهي ۽ دوزخ کان پري آهي. بخيل ۽ ڪنجوس ماڻهو الله کان پري، الله جي ٻانهن کان پري، جنت کان پري ۽ دوزخ جي ويجهو آهي. (بخاري، مسلم)



## اسماءُ الله الحسنيٰ: حضرت روضي ڌڻي رحمۃ اللہ علیہ

### المُهَيۡمِنُ

الله تعاليٰ جي نالن مان هڪ نالو مبارڪ ”مهيمن“ پڻ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي سچو شاهد، نگهبان، خلق کي خوف کان امن بخشيندڙ ۽ مهربان. حضرت امام غزاليؒ جو قول آهي تہ باري تعاليٰ جي ان اسم جي معنيٰ اها آهي تہ الله تعاليٰ خلق جي عمل، سندن رزق، عمر ۽ اجل جو انتظام رکندڙ آهي ۽ الله تعاليٰ جو اهو انتظام سندس ڪامل علم ۽ خلق جي مٿان نگهباني جي تقاضائن مطابق آهي؛ ڇو تہ ڪنهن بہ شيءِ جو ڪامل انتظام ڪرڻ ۽ ان کي قائم رکڻ ان ئي هستي جي وس ۾ ٿي سگهي ٿو جيڪا ان شيءِ بابت ذري پرزي جي ڄاڻ رکندڙ هجي، ۽ اهڙي مڪمل ڄاڻ ان خالقِ اڪبر جي پاڪ ذات کانسواءِ ٻئي ڪنهن کي بہ حاصل ٿي نٿي سگهي.

**تعلق**

هن اسم شريف سان تعلق جي واٽ هيءَ آهي، تہ ٻانهي کي اهو يقين هئڻ کپي تہ سندس ظاهري ۽ باطني احوالن جو نگهبان ۽ شاهد فقط الله تعاليٰ ئي آهي. ان ڪري هر وقت اها ڳالهہ سندس ڌيان ۾ هئڻ کپي، ان سان گڏ هو بي حيائيءَ جي ڪمن کان پاڻ کي پري رکي. ۽ ائين سمجهي تہ الله تعاليٰ سندس هر فعل کي ڏسي رهيو آهي. تصوف جي اصطلاح (زبان) ۾ ان کي ئي ”مراقبو“ چوندا آهن. يعني مراقبي جو مطلب اهو آهي تہ ٻانهو هميشہ ان ڌيان ۾ رهي تہ سندس اٿڻ، ويهڻ، دل جو ڌڙڪڻ، زبان جو چرڻ، مطلب تہ سندس هر عمل کي الله تعاليٰ ڏسي پسي رهيو آهي. ان ڪري دل ۾ اها ڳالهہ ويهاري ڇڏي تہ هو هر وقت الله تعاليٰ جي نظر هيٺ آهي.

**تخلق**

هن اسم شريف سان تخلق جو طريقو هي آهي، تہ ٻانهو پنهنجي دل جو محافظ ۽ نگران هجي، ان جي ڪيفيتن ۽ باطني اسرارن ۽ رازن کان واقف رهي ۽ پنهنجن سمورن ڪمن ۽ احوالن کي درست ۽ صحيح رکي. انهن تي سندس مڪمل ضابطو هجي. اهڙيءَ ريت ئي هو پنهنجو پاڻ کي صحيح رکڻ ۾ ڄڻ تہ ”مهيمن“ ٿي ويندو. جنهن کان پوءِ ئي هو ٻين جي حالتن ۽ ڪمن جي هدايت ۽ اصلاح واري طريقي سان نظرداري ڪري سگهندو ۽ پڻ اهڙي صورت ۾ ئي اهو شخص ”ڪامل“ انسان سمجهيو ويندو.

**تعبد**

عبدالمهيمن: مهيمن جو ٻانهو اهو شخص آهي، جيڪو اسم ”مهيمن“ جو مظهر بڻجي الله تعاليٰ کي نگهبان ۽ هر موقعي تي حاضر و ناظر سمجهي ۽ هر حق واري جي حق ادا ڪرڻ لاءِ پاڻ کي توڙي ٻين کي پابند ڪري.

ايڊيٽوريل
چيف ايڊيٽر

# قرآن مجيد کان انحراف ڪندڙ معاشرو

اسلام عوامي مشاورت جي ذريعي حڪومت هلائڻ جو تصور ڏنو آهي. (وَأَمْرُهُمْ شُورَىٰ بَيْنَهُمْ) خود پيغمبر اسلام کي اهو حڪم ڏنو ويو ته هو اجتماعي ۽ سياسي مسئلن ۾ مسلمانن سان مشورو ڪندو رهي. (وَشَاوِرْهُمْ فِي الْأَمْرِ) خلافت راشده جو عادلاڻه حڪومتي نظام هڪ مجلس شوريٰ ذريعي هلندو رهيو. پوءِ اڳتي هلي بنو اميه جي دورِ حڪومت ۾ ۽ وڏيڪ ڪليل طريقي سان بنو عباس واري دور ۾ ملوڪيت (بادشاهي سسٽم) جون پاڙون پختيون ٿي ويون. مسلمانن سياست، معيشيت ۽ وسائل رزق جي شعبن ۾ گهٽي قدر قرآن مجيد جي تعليمات کان منهن موڙيو. ذاتي مفادن ۽ خانداني افرادن ۾دولت ۽ ملڪيت کي مرتڪز ڪيو ويو يعني دولت تي هڪ هٽي قائم ٿي ۽ جاگيرداراڻه معيشت کي رائج ڪري هڪ ظالماڻه ۽ بدڪردار معاشري جو بنياد وڌو ويو. گذريل صدين کان وٺي اڄ تائين اسلامي وحدت جڏهن کان فرقن، گروهن ۽ ٽولن ۾ ورهائجي وئي ۽ طوائف الملوڪي جو دور شروع ٿيو ۽ جڏهن کان قرآن جي چٽين هدايتن کان منهن موڙي بادشاهن جي غلامي، اجتهاد جي بجاءِ تقليد جي مرض ۾ ڦاسڻ ۽ جهاد ۽ انفاق في سبيل الله جي بجاءِ دنيا ۽ دولت جي نحوست ۾ گرفتار ٿيڻ کي ترجيح ڏني وئي ته پوءِ هي امت مڪمل طرح زوال ۽ ذلت جي ڪڏن ۾ ڪرندي وئي تان ته گذريل دور ۾ ڪا فر قومن جي غلامي جي لعنت جو طوق به هنن جي ڳچين ۾ پيل ڏنو ويو ۽ ملت جا ڪيترا سڻا سيبتا ماڻهو به ان ذلت تي فخر ڪندا رهيا ۽ طاغوت جي چاڪري ڪرڻ جي تلقين به ڪندا رهيا.

امت پنهنجي زوال جي دؤر ۾ دين جي شعور ۽ فهم ۾ به لڳاتار ٺوڪرون پئي کاڌيون آهن. اسلام کي هڪ نظريي ۽ اصولي دين سمجهڻ جي بجاءِ ان کي حسب نسب ۽ خانداني نظام وارو دين بڻائي پيش ڪيو ويو ۽ ڪيترائي مسلمان گمراهه ٿي اهڙي غير قرآني نظريي کي دين سمجهي قبول ڪري ويٺا. ڪن بي عقل ماڻهن جاهليت جي بت پرستي کي ڀيهر اپارڻ لاءِ مخلوق کي خدا تعاليٰ جي وصفن ۾ ڀائيوار ڪري شرڪ جو دروازو کولي ڇڏيو ۽ چوڻ لڳا ته مخلوق مان ڪي مقدس شخصيتون الله تعاليٰ جي اختيارن ۾ ڀاڱي ڀائيوار آهن. بلڪ الله تعاليٰ انهن کي دنيا جي معاملن کي هلائڻ لاءِ پنهنجا اختيار حوالي ڪري ڇڏيا آهن هاڻي هو نفعي ۽ نقصان جا مالڪ آهن، برڪت ڏيڻ جا مجاز آهن، رزق ڏيڻ ۽ پهچائڻ جا مالڪ آهن، سمورين مصيبتن ۾ اسان جي فرياد رسي ڪندڙ آهن. اهڙي خالص ۽ ڪليل شرڪ ۽ ڪفر کي به ڪوڙ سارا مسلمان قبول ڪيون ويٺا آهن ۽ پاڻ کي ديندار به ٿا سمجهن.

وَمَا يُؤْمِنُ أَكْثَرُهُمْ بِاللَّهِ إِلَّا وَهُمْ مُشْرِكُونَ ( سورة يوسف: ١٠٦ )

”مسلمانن ۾ گهڻا اهڙا ماڻهو آهن جيڪي الله تي ايمان به آڻين ٿا پر ان سان گڏ هو مشرڪ به آهن.“



قرآن مجيد جي تعليمات کي پٺي ڏيڻ سبب مسلمان ايتري قدر گمراهي ۽ بدعتن جي ڄار ۾ ڦاسي ويا آهن جو هنن جو ڪلچر، ثقافت، رسمون رواج ۽ زندگي جا ٻيا اهم شعبا ڪافرن ۽ ملحدن جي نقالي ۾ ۽ انهن جي قدرن جي پوئواري ڪرڻ ۾ گذري رهيا آهن. مغرب ۾ جيڪي ڏينهن ملهائجن ٿا مسلمان اهي ڏينهن فخر سان ملهائي رهيا آهن. مسلمانن جي زوال ۽ غلامي سبب قرآن مجيد جو بنيادي نصب العين ”جهاد في سبيل الله ۽ انفاق في سبيل الله“ وارو نظريو امت کان اوجهل بڻجي ويو آهي. هاڻي فقط هي دين ”چند عبادتي رسمن“ کي ادا ڪرڻ تائين محدود ٿي ويو آهي. بلڪ اڄان به چند فروعي مسئلن جي ادائگي ۽ چند وضع قطع جي خاص شڪلين ٺاهڻ تائين دين جو دائرو سڪڙجي چڪو آهي. ۽ اڄ حالت اِها وڃي بڻي آهي جو ”دين وحدت“، ”امت واحده“، ”خير امت“ ۽ ”شهداء علي الناس“ وارو بين الاقوامي تصور ته تمام پري جي ڳالهه آهي. اهڙيون ڳالهيون ته فقط ”صحابه ڪرام رضوان الله عليهم“ جي دور سان ئي مخصوص هيون ۽ پوءِ وارن کي فقط تدريس ۽ تبليغ تائين بند رکيو ويو آهي. جهاد — قتال، انفاق ۽ اشداء علي الڪفار واريون سڀ وصفون ۽ علامتون اڄوڪن مسلمانن سان لاڳو ئي ناهن. هي فقط ذڪر جون تسبيحون ۽ ڪلمي جو ورد ۽ رفع اليدين، ميلاد جي جلسن ۽ شهيدن جي ماتم ڪرڻ جهڙن عملن سان سينگارجي سنوارجي جنت جي جنهن به دروازي مان چاهيندا داخل ٿي ويندا. دين لاءِ ڏک ۽ مصيبت سهڻ، هجرت ۽ جهاد جي مرحلن مان گذرڻ اهو ته فقط پهرين دور جي مسلمانن لاءِ خاص هيو. هاڻي قرآن مجيد جي انهن آيتن: أَمْ حَسِبْتُمْ أَنْ تَدْخُلُوا الْجَنَّةَ ... الخ (سورة آل عمران: ١٤٢) - أَحَسِبَ النَّاسُ أَنْ يُتْرَكُوا... الخ (سورة العنڪبوت: ٢) وغيره جا مخاطب اسان ته نه آهيون؛ اهي فقط صحابه ڪرام هئا. اها آهي قرآن مجيد جي فهم ۽ شعور کان اڻ واقفيت ۽ انحراف جي نشاني!

اهوئي سبب آهي ته مسلمان هڪ عظيم الشان دستورِ حيات ۽ هڪ بي مثال سراج منير جي موجودگي ۾ به راهِ حق کان ڀٽڪيل آهن ۽ غلامي مان گذري رهيا آهن. ڇو ته هنن گهرن مان روشني کي ڪڍي ڇڏيو آهي ۽ انڌيرن ۾ رهڻ کي هو پسند ڪن ٿا.

---

### مذهب مسلمانن جي ترقي جو بنياد

اسان واري مذهب جي ته هيءَ حالت آهي جو اسان جي مذهبي تعليم کي زنگ لڳي ويو آهي! تنهن ڪري جيتري تائين اسان کي صحيح مذهبي تعليم نه ملندي ته اسين ڪيئن جيئرا رهي سگهنداسين؟ منهنجو عقيدو آهي ته مسلمانن جي پيڙهه جو پٿر مذهب آهي. مذهب کان بغير مسلمان ترقي نه ڪري سگهندا. ڇاڪاڻ ته حقيقي قومي ترقيءَ لاءِ جنهن ايثار ۽ قربانيءَ جي ضرورت آهي، ان جو بنياد صرف ٻه شيون ٿي سگهن ٿيون ۽ دنيا جي تاريخ شاهد آهي ته قومن جي ترقيءَ ۾ صرف انهن ٻن شين کان ڪم ورتو ويو آهي: هڪ مذهب، ٻيو وطن پرستي. مذهبي جذبي جي مقابلي ۾ وطن پرستيءَ جو جذبو مسلمانن ۾ گهٽو ڪمزور آهي، ان ڪري مسلمان صرف مذهب کان متاثر ٿي حقيقي ترقيءَ جي شاهراهه تي وکون کڻي سگهن ٿا.

(مولانا عبيدالله سنڌي، قرآن ڪيئن پڙهجي؟)

# توحيد جي تقاضا اتحاد آهي

منهنجي دعوت ۽ اصلاحي پروگرام جن اصولن تي قائم آهي، انهن مان هڪ بنيادي اصول اهو آهي جنهن کي مان ”مسئلہ تحزب و تمذهب“ (ٽوليبازي، گروهہ بندي) جي نالي سان تعبير ڪيان ٿو.

يعني مسلمانن جو هڪ خدا کي مڃڻ کان پوءِ بہ مختلف گروهن ۽ فرقن ۾ ورهائجي وڃڻ وري هر هڪ گروهہ الڳ الڳ ٽولا ٺاهي تقسيم ٿيندو وڃي. اهڙي طرح هيءَ امت مختلف نالن ۽ مذهبن ۾ تقسيم ٿي چڪي آهي. هيءَ منهنجو يقين آهي تہ مسلمانن جي ذلت ۽ رسوائي جو بنيادي ڪارڻ، مذهبن جي نالي تي ٽولي بازي ٺاهي ڏڦيڙ وجهڻ آهي ۽ جيستائين هن وبا ۽ بيماريءَ جا جراثيم انساني دل جي پاڙن کي ڪائيندا رهندا. تيستائين اسلام جو وڻ ڪڏهن بہ ڦلدار ۽ ذائقيدار نہ بڻبو. تنهن ڪري دين جي اصلاح لاءِ نئين جدوجهد ۽ ڪوشش کي ڪامياب بنائڻ لاءِ مسلمانن جو پاڻ ۾ اتحاد ضروري آهي.

اڄ اسان سياسي، سماجي، اخلاقي، اقتصادي طور تي ڪمزور آهيون. اسان جي تمدني زندگي بہ پستي ۽ هيٺانهين جو شڪار آهي. پر هي سڀ جزئيات آهن، اهي اصل ۽ ڪلي ناهن. توهان جڏهن هنن سڀني جزئيات جي ٽارين مان گذري ڪري وڻ جي پاڙ تائين پهچندؤ تہ توهان کي چٽو نظر ايندو تہ اصل علتون ۽ سبب تہ ٻيون شيون آهن. ۽ انهن ۾ سڀ کان اهم ۽ وڏيڪ نقصان ڏيندڙ علت ”گڏجڻ“ کان پوءِ ”جدا ٿيڻ“ آهي.

وحدت کان پوءِ ڇڙوڇڙ آهي، اجتماع کان پوءِ انتشار آهي، علم کان پوءِ آڪڙ، انحراف ۽ حدن کي لتاڙڻ آهي. هنن مصيبتن کي هر هڪ پڌرو محسوس بہ ڪري ٿو، وري ان تي ماتم ڪري ڳوڙها بہ ڳاڙي ٿو. عجب تہ اهو آ تہ هر هڪ اهو بہ چوي ٿو تہ اهو اختلاف ۽ ڏڦيڙ نہ هجي. پر بدقسمتي اها آهي تہ ڪير بہ اختلاف ۽ افتراق مان جان ڇڏائڻ کي ڪا خاص اهميت نٿو ڏئي. ڪنهن کي ڪا جرئت ئي نٿي ٿئي جو مٿاڇري تي پيل پردن کي هٽائي حقيقي علتن ۽ سببن تي نظر وجهي ۽ صحيح نظر سان حقيقت ۽ اصليت کي وائکو ڪري. جيڪڏهن، ڪڏهن اهڙي ڪا اک اتي پهتي بہ آهي تہ بدقسمتيءَ سان علاج جي راهہ گم ٿيندي نظر اچي ٿي. هي تماشو تمام گهڻو ڏکو آهي. پر وڻ جڏهن سڪڙندو ۽ سڪندو ويندو آهي تہ هن لاءِ نہ تہ وڻ جي ٽارين ۾ آلاڻ ختم ٿي وئي آهي. وڻ جي زندگيءَ جو چشمو پاڙ آهي، جنهن ان ۾ زندگيءَ جي لعاب ختم ٿي وڃڻ کان پوءِ ايئن ٿيندو آهي. ائين ئي ڪا بہ قوم هن ڪري ذلت ۽ رسوائي ۾ نہ پوندي آهي تہ پنهنجي تعليم جي جزئيات ۽ فروعات کي هن ڇڏي ڏنو هجي. بلڪ هن لاءِ تہ اصول ۽ بنيادي قاعدن جو پلئہ سندس هٿان نڪري ويو آهي. جڙ ۾ جيستائين زندگي رهندي تيستائين وڻ جو هڪ پن بہ نہ سڪندو. پر جڏهن جڙ تي موت اچي وڃي تہ پوءِ پلي ڪٽي ٽارين ۽ پنن تي ست سمنڊ وهائي ڇڏيو. حاصل ڪجھ بہ نہ ٿيندو.



اسلام جي وڻ جا بہ ڪجھ اصول (پاڙون ) آهن ۽ ڪجھ فروع (ٽاريون) تنهن ڪري تباهي ۽ ذلت جو ڪارڻ، اصولن ۾ ڳولهڻ کپي. اسلام جو بنيادي عقيدو توحيد آهي.

هن عقيدي ۾ مسلمانن جي سموري زندگي گذارڻ جو فلسفو موجود آهي. هن عقيدي تي هلي ڪري اهي هميشہ وارين ڪاميابين ۽ مرادن کي حاصل ڪرڻ جا اهل بڻجي سگهن ٿا. پر عجب آهي جو مسلمانن گهڻو هن عقيدي کان ئي منهن موڙيو آهي.

اڄ جيڪڏهن دين ۾ تجديد ۽ اصلاح جي ضرورت آهي تہ سڀ کان وڌيڪ توحيد جي عقيدي ۾. ان کي صحيح طريقي سان سنوارڻ ۽ سڌارڻ جي ضرورت آهي. توحيد ڇا آهي؟ جيئن توحيد جي هي معنيٰ نہ آهي تہ مڪي جي مشرڪن وانگي زبان سان تہ هڪ ڪائنات جي خالق جو نالو وٺن ليقولن الله- پر پنهنجي عملي زندگيءَ ۾ وري هزارين خدائن ۽ آقائن جي غلامي جي طوق کي پنهنجي ڳلي ۾ ٽنگي ڇڏن. تيئن، توحيد جي حقيقت سان هيءَ گمراهي ۽ ضلالت بہ گڏ نٿي ٿي سگهي تہ هڪ جو عقيدو رکي وري گهڻن خدائن کي مڃيندڙن وانگر ڪيترين ئي جماعتن ۽ ٽولن ۾ ورهائجي وڃجي.

توحيد جي تقاضا تہ هي آهي تہ سموري انسان ذات جي ڀلائي ۽ خير خواهيءَ لاءِ هڪ اهڙي جماعت تيار ٿئي، جنهن جي عمل ۽ اخلاق، عادتن ۽ اطوار مان توحيد جو جلوو پڌرو ڏسڻ ۾ اچي. هڪ خدا کي مڃيندڙ جماعت جو مرڪز ۽ محور هڪ هجي. سندس منبع ۽ سرچشمو هڪ هجي. ان جو ڪعبو ۽ قبلو هڪ هجي. جيئن هن جماعت جو قرآن پنهنجي هدايت ۾، رسول ﷺ پنهنجي حڪمت ۽ دانائيءَ ۾ يڪتا آهي تيئن هيءَ جماعت پنهنجي عمل ۽ ڪردار ۾ بہ يڪتا هجي.

اهو ئي سبب آهي جو قرآن، اسلام جي حقيقت ئي هيءَ بيان ڪئي آهي تہ اهڙي شيءِ جيڪا اختلاف ۽ افتراق سان گڏ نہ ٿي سگهي. اهو هر جڳھ تي اسلام کي ”وحدت“ ۽ ”تالف“ ۽ ڪفر کي ”تعدد“ ۽ ”تشتت“ قرار ڏئي ٿو. ۽ جهڙي طرح بار بار دهرائي ڪري شرڪ کان منع ٿو ڪري تيئن اختلاف ۽ انتشار کان بہ روڪي ٿو.

اهو بار بار ورجائي ڪري چوي ٿو تہ توهان مغضوب عليهم (يهود) ۽ ضالين (نصاريٰ) وانگي نہ بڻجو، بلڪ خدا جي انعام يافتہ جماعت ۾ شريڪ ٿي وڃو. پوءِ جتي ڪٿي يهود ۽ نصاريٰ جي باري ۾ چوي ٿو تہ سندن وڏي گمراهي هيءَ هئي تہ اهي الله جي حڪمن جي نازل ٿيڻ کان پوءِ جدا جدا رستا ٺاهي بدبخت ۽ گمراهہ بڻجي پيا.

خدا تعاليٰ تہ انهن کي هڪ ڪيو، پر اهي هڪ نہ رهي سگهيا. مختلف نالن ۽ جماعتن ۾ ورهائجي ويا.

---

هرک ترسید از حق و تقویٰ گزید
ترسد ازوی جن و انس و هرکہ دید

معنيٰ: جو انسان خدا تعاليٰ کان ڊڄي ٿو ۽ پرهيزگار ڪري ٿو، تنهن کان جن، انسان خواهہ ڪو بہ ڏسڻ وارو ڊڄي ٿو. (مولانا جلال الدين رومي)

# مسلمانن ۽ اهل ڪتاب جون هڪجهڙيون تمنائون

قرآن شريف ۾ الله تعاليٰ يهودين جي ذڪر ۾ ارشاد فرمايو آهي:

وَمِنْهُمْ اُمِّيُّوْنَ لَا يَعْلَمُوْنَ الْكِتٰبَ اِلَّآ اَمَانِيَّ (البقره 78)

”انهن مان ڪي اهڙا آهن جيڪي ڪتاب مان سواءِ ”اماني“ جي ٻيو ڪجھ بہ ڪونہ ٿا ڄاڻن.“

هن آيت ۾ لفظ ’اماني‘ جيڪو ذڪر ٿيو آهي، سو جمع آهي. ان جو واحد آهي ’امنية‘. واحد جي صورت ۾ هيءُ لفظ قرآن شريف ۾ نبيءَ جي ’دل جي خواهش‘ جي معنيٰ ۾ آيو آهي.(الحج: 52) نبي سڳيون خواهشون ۽ تمنائون ڪندا آهن. البتہ ان هڪ آيت کان سواءِ قرآن ۾ هي لفظ پنهنجي جمع ’اماني‘ جي صورت ۾ آيو آهي، ”معجم الفاظ القرآن الڪريم“ ۾ ’امنية‘ جي معنيٰ هن طرح بيان ڪئي وئي آهي.

الامنية: مايرغب فيہ المرء ويشتهاه. واڪثر مايڪون ذالک الآمال الباطلة ڪطول البقاء وعدم البعث. (’الامنية‘ جي معنيٰ آهي: ’جنهن ۾ ماڻهو شوق رغبت ۽ خواهش رکي‘. اڪثر اهو باطل اميدن جي باري ۾ استعمال ٿيندو آهي، جهڙوڪ: ڊگهي بقاء ۽ عدم بعث. امنية جو جمع اماني ايندو آهي.)

بيروت جو ڇپيل هڪ عربي مختصر تفسير، جيڪو شيخ حسنين محمد خلوف جو لکيل آهي ۽ ان جي حاشيہ تي اسباب نزول تي سيوطيءَ جو ڪتاب ’لباب النقول‘ بہ ڏنل آهي، تنهن ۾ لکيل آهي، تہ ’اماني‘ اڪاذيب تلقوها عن احبارهم“ (ڪوڙ، جيڪي پنهنجي يهودي عالمن کان سکيا اٿن.)

معجم الفاظ القرآن الڪريم واري مٿي ذڪر ڪيل آيت جي هيٺان لکيو آهي تہ: و امانيهم انهم لايعذبون ولايحاسبون.(انهن جون اميدون (تمنائون ۽ خوش فهميون) هي آهن تہ ڪين عذاب نہ ٿيندو ۽ نہ سندن حساب ٿيندو.) خود قرآن شريف ”اماني“ جي وضاحت ۽ تفسير هن طرح فرمايو آهي.

وَقَالُوْا لَنْ يَّدْخُلَ الْجَنَّةَ اِلَّا مَنْ كَانَ هُوْدًا اَوْ نَصٰرٰى ۭ تِلْكَ اَمَانِيُّهُمْ (البقره: 111)

(چيائون جنت ۾ يهودين ۽ نصارن کان سواءِ ٻيو ڪو بہ داخل نہ ٿيندو. اهي انهن جون تمنائون (سڌون ۽ خواهشون) آهن.)

سڄي بحث جو خلاصو اهو تہ يهودين جا امي، ڄٽ ۽ جاهل قسم جا ماڻهو صرف اهو ڄاڻيندا هئا تہ ’جنت ۾ يهودين ۽ نصارن کان سواءِ ڪو بہ نہ ويندو‘ يا سندن ڄاڻ صرف اها هئي تہ: جهنم ۾ اهي چند ڏينهن کان وڌيڪ عرصو نہ رهندا‘. قرآن ۾ انهن جي ان سڌ ۽ خواهش جو الله تعاليٰ هنن لفظن سان ذڪر فرمايو آهي.

وَقَالُوْا لَنْ تَمَسَّنَا النَّارُ اِلَّآ اَيَّامًا مَّعْدُوْدَةً (البقره:80)

(۽ چيائون: تہ اسان کي باھ نہ ڇهندي سواءِ ٿورڙن ڏينهن جي



معنيٰ يهودي امين (ڄٽن) جي سڄي ڄاڻ ان محور ۾ ڦري ٿي. قرآن انهن جي اهڙي هڪ ٻي سڌ ۽ تمنا يا خوش فهميءَ جو بہ ذڪر ڪيو آهي، جنهن ۾ انهن چيو آهي: نحن ابناء الله واحبائہ (اسان الله جا پٽ ۽ سندس دوست آهيون) سيوطيءَ ’لباب النقول‘ ۾ ابن عباس جي روايت نقل ڪئي آهي تہ:

جڏهن رسول الله ﷺ مديني آيا تہ يهودي چوندا هئا، دنيا جي مدت ستر هزار سال آهي. ماڻهن کي دنيا جي هڪ هزار سال جي عيوض هڪ ڏينهن عذاب ڪيو ويندو. ان طرح اهي صرف ست ڏينهن عذاب ۾ رهندا پوءِ عذاب ختم ٿي ويندو“

ابن عباس جي هڪ ٻي روايت آهي تہ:

”اسان صرف چاليھ ڏينهن جهنم ۾ داخل ٿينداسين. جيڪي چاليھ ڏينهن ڳابي جي پوڄا ڪئي سين.“

يهودين جي انهن خوش فهمين ۽ تمنائن جو جتي بہ الله تعاليٰ قرآن ۾ ذڪر ڪيو آهي اتي ئي انهن جو جواب بہ ڏنو آهي مثلن انهن جي هن چوڻ تہ: ”جنت ۾ صرف يهودي ۽ نصارا داخل ٿيندا“ جو جواب الله تعالي هنن لفظن سان ڏنو:

وَقَالُوْا لَنْ يَّدْخُلَ الْجَنَّةَ اِلَّا مَنْ كَانَ هُوْدًا اَوْ نَصٰرٰى ۭ تِلْكَ اَمَانِيُّهُمْ ۭ قُلْ هَاتُوْا بُرْهَانَكُمْ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿١١١﴾
بَلٰى ۤ مَنْ اَسْلَمَ وَجْهَهٗ لِلّٰهِ وَھُوَ مُحْسِنٌ فَلَهٗٓ اَجْرُهٗ عِنْدَ رَبِّهٖ ۠ وَلَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا ھُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿١١٢﴾.

(البقره: 111_112)

(اهي انهن جون تمنائون (خوش فهميون) آهن. چئو تہ جيڪڏهن ان ۾ سچا آهيون تہ پنهنجو دليل آڻيو. ها جنهن پاڻ الله جي حوالي ڪيو ۽ اهو نيڪوڪار آهي تہ ان لاءِ سندس رب وٽ اجر آهي ان کي نہ خوف هوندو نہ ڳڻتي.)

هن آيت ۾ ٻڌايو ويو تہ ان خوشفهميءَ لاءِ وٽن ڪو بہ دليل ڪونهي. ۽ اهو بہ ٻڌايو ويو تہ جنت ۾ دخول جو شرط پاڻ ارپڻ ۽ صالح عمل آهي. ان کان سواءِ ڪنهن بہ خوش فهميءَ ۾ رهڻ نہ گهرجي.

يهودين جي ٻي خوشفهمي تہ: ’ڪين باھ ۾ صرف چند ڏينهن وڌو ويندو‘. جو جواب هن طرح ڏنو ويو:

وَقَالُوْا لَنْ تَمَسَّنَا النَّارُ اِلَّآ اَيَّامًا مَّعْدُوْدَةً ۭ قُلْ اَتَّخَذْتُمْ عِنْدَ اللّٰهِ عَهْدًا فَلَنْ يُّخْلِفَ اللّٰهُ عَهْدَهٗٓ اَمْ تَقُوْلُوْنَ عَلَي
اللّٰهِ مَا لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿٨٠﴾ بَلٰى مَنْ كَسَبَ سَيِّئَةً وَّاَحَاطَتْ بِهٖ خَطِيْۗـــــَٔتُهٗ فَاُولٰۗىِٕكَ اَصْحٰبُ النَّارِ ۚ ھُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿٨١﴾

(البقره: 80_81)

(چئو تہ ڇا توهان الله کان ڪو اهڙو عهد ورتو آهي؟ جنهن جي اهو مخالفت نہ ڪندو! يا الله مٿان اهڙي ڳالھ ٿا چئو، جنهن کي اوهان ڄاڻو ئي نہ ٿا؟ ها جنهن بہ گناھ ڪيو ۽ ڪيس سندس گناهن گهيرو ڪري ورتو تہ، اهي جهنمي آهن، اهي ان ۾ هميشہ رهندا.)

سندن ٻي خوش فهميءَ تہ: ’اسان الله جا پٽ ۽ دوست آهيون‘ جو جواب هن طرح ڏنو ويو آهي:

فَلِمَ يُعَذِّبُكُمْ بِذُنُوْبِكُمْ ۭ بَلْ اَنْتُمْ بَشَرٌ مِّمَّنْ خَلَقَ ۭ (المائده-18)

(ائين آهي تہ پوءِ) ڇو اوهان کي اوهان جي گناهن جي ڪري عذاب ڪندو؟ بلڪ اوهان الله جي مخلوق انسان آهيو.)

يهودين جي مذهب جي سڄي وايو منڊل جو بنياد انهن چند خوشفهمين تي ٻڌل هو جن کي هڪ هڪ ڪري قرآن ڊاهي ڦٽو ڪيو. ڪين چيو ويو تہ اهي خوش فهميون آهن. انهن جي ڪا بہ

اهميت ڪانهي. اهميت انسان جي ايمان ۽ عمل جي آهي، ڪنهن نسل يا فرقي تي ڪاميابيءَ جو دارو مدار ڪونهي.

**مسلمانن جي حالت:**

مٿي ذڪر ڪيل حالت ته يهودين ۽ نصارن جي هئي، جن کي قرآن ’مغضوب عليهم‘ (غضب ڪيل) ’ضالين‘ (گمراهه) سڏيو آهي ۽ قرآن جي ’افتتاحيه‘ (سورة فاتحه) ۾ اسان صراط مستقيم جي دعا ۾ انهن جي رستي کان بچڻ جي دعا گهري چڪا آهيون. پر اهو ڄاڻو ئي ڪونه ٿا ته جنهن ڏيڻ مان نڪرڻ جي دعا پيا گهرون ان ڏيڻ ۾ ته پاڻ ڦاٿا پيا آهيون. نه اها خبر ٿا رکون ته اسان کي کهڙي ڏيڻ مان نڪرڻو آهي نه اها خبر آهي ته کهڙي ڏيڻ ۾ ڦاٿل آهيون. حقيقت اها آهي ته، اڄ جو مسلمان بنهه ساڳين حالتن جو شڪار آهي ۽ ساڳين ’سڌن‘، ’تمنائن‘ ۽ خوشفهمين ۾ ورتل آهي. جن ۾ يهودي ۽ نصارا ورتل هئا. اڄ جي مسلمان ۽ ان دؤر جي يهودي ۽ نصاري ۾ ڪوبه فرق ڪونهي. نبيﷺ جي فرمان: ”جيئن جتيءَ جو هڪ پادر ٻئي پادر جي مطابق هوندو آهي، تيئن توهان اڳين امتين جي پيروي ڪندؤ.“ جي مطابق مسلمان بنهه ساڳين بيمارين ۽ مصيبتن جو شڪار اچي ٿيو آهي. جن جو شڪار يهودي ۽ نصارا ٿيا هئا. شاه ولي الله صاحب جن فرمائين ٿا ته: ”ان زماني جي مصيبتن مان ڪابه مصيبت اهڙي ڪانهي، جنهن ۾ هن زماني جي ڪا جماعت ورتل نه هجي.“

مسلمانن جي هڪ فرقي مرجئيه جو عقيدو آهي: ته الله گنهگارن کي ثواب ڏيندو. ايمان جي هوندي معصيت ڪوبه نقصان نه ڏيندي، جيئن ڪفر جي هوندي ڪابه چڱائي ۽ اطاعت فائدو ڪانه ڏيندي آهي.“ مرجئي فرقي جي اڳواڻ مقاتل بن سليمان جو چوڻ آهي ته: قيامت جي ڏينهن الله دوزخ جي مٿان هڪ رستو ٺاهيندو ۽ مؤمن گنهگارن کي ان تان گذرڻ جو حڪم ڏيندو. پوءِ انهن کي دوزخ جو سيڪ ۽ حرارت گناه جي مقدار جيتري پهچندي ۽ ان درد ۾ ان جو عذاب پورو ڪيو ويندو.“

هن مان اندازو لڳايو ته يهودين ۽ عيسائين جي مٿي ذڪر ڪيل عقيدن ۽ مسلمانن جي هنن عقيدن ۾ ڪو فرق نظر اچي ٿو؟ ڇا مسلمانن جي عام ذهن ۽ عام مبلغن جي ڪل معلومات جو ذخيرو اهڙي قسم جي اعتقادن جي ويجهو ويجهو نه ٿو ڦري؟ جيڪڏهن ڪنهن کان اها جرت پڇي ۽ شيعا، سني، بريلوي، ديوبندي مبلغن جي واعظن ۾ اهڙي قسم جي اميدن، تمنائن، سڌن ۽ خوشفهمين جو مواد جمع ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ته هوند يهودين ۽ نصارن جي تمنائن ۽ سڌن جو انهن آڏو ڪنڌ شرم کان جهڪي وڃي. ان جو تفصيل هتي بيان نه ٿو ڪري سگهجي ڇا ڪاڻ ته اهو تفصيل پنيور کي پاه ڏيڻ جي برابر آهي. حقيقت ۾ قرآن جي هيءَ آيت، جيڪا شروع ۾ ذڪر به ٿي، سؤ فيصد اڄ جي مسلمان مبلغن ۽ عام ذهنيت تي سچي ٿي اچي ته:

وَمِنۡهُمۡ اُمِّيُّوۡنَ لَا يَعۡلَمُوۡنَ الۡكِتٰبَ اِلَّاۤ اَمَانِىَّ

”انهن مان ڪي اهڙا آهن جيڪي ڪتاب مان سواءِ ”اماني“ (تمنائن ۽ سڌن) جي ٻيو ڪجهه به ڪونه ٿا ڄاڻن.“

جڏهن ته علم ڪلام جي مسلڪ اهل سنت جي امام ابو الحسن اشعري جو عقيدو ان جي ابتڙ هي آهي ته: خير ۽ شر الله جي مشيت سان آهي، تنهن باوجود مسلمان پنهنجي جرم جي پاداش ۾ جهنم جي عذاب جا مستحق ٿيندا.“ رڳو اهو ئي نه پر يهودين ۽ نصارن جي سڌن جي جواب ۾ قرآن ۾ ذڪر ڪيل آيتن کي جيڪڏهن ڏسجي ۽ انهن ۾ غور فڪر ڪري وٺجي ته به اهڙي قسم



جي غلط اميدن ۽ خوشفهمين ڪان مسلمانن جو پلؤ آجو ٿي وڃي پر مسلمانن جي مجموعي فڪر جي زوال مسلمانن جي سوچڻ ۽ سمجهڻ جي صلاحيتن کي مڏو ڪري ڇڏيو آهي.

قرآن ۾ ’اماني‘ جو لفظ يهودين ۽ نصارن ڏانهن اشاري طور ”هم“ جي اضافت سان آيو آهي. هڪ هنڌ ’ڪم‘ جي اضافت سان به آيو آهي، جنهن ۾ مسلمانن کي مخاطب ڪيو ويو آهي. جنهن مان ثابت ٿئي ٿو ته باطل سڌون ۽ خوشفهميون رڳو اهل ڪتاب کي ناهن. باطل سڌون ۽ خوشفهميون قرآن جي مخاطبين (مسلمانن) ۾ به ٿي سگهن ٿيون. ان ڪري الله تعاليٰ فرمايو:

لَيۡسَ بِاَمَانِيِّكُمۡ وَلَاۤ اَمَانِىِّ اَهۡلِ الۡكِتٰبِ ؕ مَنۡ يَّعۡمَلۡ سُوۡٓءًا يُّجۡزَ بِهٖ ۙ ﴿۱۲۳﴾ (نساء:123)

(نه اوهان (مسلمانن) جي سڌن ۽ خوشفهمين تي آهي نه اهل ڪتاب جي خوشفهمين تي آهي. جيڪو به برو عمل ڪندو تنهن کي ان جو بدلو ڏنو ويندو.)

هن آيت ۾ مٿي اهل ڪتاب کي سندن خوش فهمين تي جواب جي طور الله جي فرمانن ۾ ڏسو ته اهل ڪتاب جي خوشفهمين جي ترديد سان گڏ لفظ ’بليٰ من اسلم‘ ۽ ’بليٰ من ڪسب‘ کان پوءِ جي لفظن ۾ ايمان ۽ مطلق عملن کي جنت ۽ جهنم جو دارو مدار قرار ڏنو ويو آهي ان ۾ ڪنهن به نسل، گروهه ۽ فرقي کي جنت ۽ جهنم جو دارو مدار قرار نه ڏنو ويو آهي. پوءِ چونه يهودي هجن يا نصارا ۽ هن آخري آيت ۾ اهو به چيو ويو ته، ڇو نه مسلمان هجن، جنت ۽ جهنم جو دارو مدار عملن تي آهي.

ان سلسلي ۾ شاه ولي الله صاحب جن جو بيان قرآن جي صحيح تصور کي بيان ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندو پاڻ لکن ٿا:

”الله تعاليٰ هر دين ۾ نبين ۽ انهن جي بيروڪارن کي پنهنجي پياري هئڻ يا پنهنجي ويجهي هئڻ جي يقين سان نوازيو آهي ۽ دين جي منڪرن جي مذمت ڪندي انهن کي ڪاوڙ وارين صفتن سان موصوف ڪيو آهي، ان لاءِ هر قوم ۾ جيڪي جيڪي لفظ استعمال ۾ ايندا هئا اهي لفظ استعمال ڪيا ويا. ان قاعدي تحت يهودين ۾ خدا جي پياري يا محبوب جي جڳهه تي پٽ جي لفظ آڻڻ ۾ ڪو حرج نه سمجهيو ويو، ته ان مان يهودين هي مطلب ورتو ته، اهو اسان جو مخصوص شرف آهي. جيڪو صرف يهودين، عبرين ۽ اسرائيلين لاءِ مخصوص آهي. انهن اهو نه سمجهيو ته اهو شرف صرف الله جي طرفان نبين جي بعثت جي ذريعي، جنهن رستي تي هلڻ جو چيل هو، ان تي هلڻ، قائم رهڻ ۽ عاجزي اختيار ڪرڻ سان مخصوص آهي. ۽ ان کان سواءِ ان جو ڪوبه مطلب ڪونهي. ان قسم جون ٻيون به ڪوڙ قسم جون سوچون انهن جي ذهنن ۾ پيدا ٿي چڪيون هيون. قرآن شريف انهن سڀني غلط سوچن کي بهتر طريقي سان رد ڪيو آهي.“

شاه ولي الله جي هن بيان مان سندس مقصد صاف نظر اچي رهيو آهي ته، الله جي پياري ۽ ويجهي هئڻ جي وصفن جو تعلق نبين جي عملي زندگيءَ واري رستي تي هلڻ، جهد ۽ نيڪوڪاريءَ تي قائم رهڻ ۽ عاجزي اختيار ڪرڻ سان آهي.

❊❊❊

هيءَ به عجيب روزيدار آهن جو راتين جو تراويح ۾ قرآن ٻڌن ٿا صبح جو اُن جي منزلن جا ختما ڪدن ٿا پر نه قرآن جون هدايتون اُنهن جي اڳيان گذرن ٿيون ۽ نه قرآن جون صدائون اُنهن جي نڙين کان هيٺ لهن ٿيون. اُنهن لاءِ ته پيغمبر اسلام چيو هو: ڪيترا روزيدار آهن جن کي اُنهن جي روزي مان بُک ۽ اُڃ کانسواءِ ڪجهه به پلئه نٿو پوي. (مولانا ابوالڪلام آزاد)

مولانا ابوالڪلام آزاد
(سنڌيڪار: مولانا عبدالمؤمن ميمڻ)

# روزي جي فلاسافي

بنيادي شيءِ روح جي تقويٰ، انسان جي اهڙي تربيت ۽ مشق ٿئي جنهن سان سندس خواهشن تي ڪنٽرول پيدا ٿئي ۽ هو صرف پنهنجي ذات لاءِ جيئڻ جو خيال دفن ڪري ڇڏي. اهڙي طرح روزو پنهنجي حواسن ۽ جسماني قوتن جو احتساب ۽ جذبات جي قرباني آهي. جيئن ته مخلوقات لاءِ غذا جي خواهش سڀ کان وڏي مجبور ڪندڙ خواهش آهي، تنهن ڪري قناعت ۽ صبر جو درس، تحمل جي تعليم ۽ ان جي نتيجي ۾ حاصل ٿيندڙ فضيلتن جو احساس ۽ ادراڪ پيدا ٿئي، تقويٰ پيدا ڪرڻ ۽ نفس جي سڌن تي غلبي لاءِ ان غذائي خواهش کي ترڪ ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو ۽ ان کي سمورين روحاني فضيلتن جي ماڻڻ ۽ سمورين اخلاقي خرابين کان بچڻ جو ذريعو قرار ڏنو ويو. اهوئي سبب آهي جو روزي جو حڪم ڏيڻ ڪانپوءِ ان جي علت نهايت جامع ۽ مانع شرعي اصطلاح ۾ واضح ڪئي وئي ته: ”لعلڪم تتقون“ تان ته توهان براين کان بچو ۽ پاڻ ۾ پرهيزگار بڻجڻ جي صلاحيت پيدا ڪريو. “

تقويٰ ”بچڻ“ ۽ ”پرهيز ڪرڻ“ کي چئبو آهي. قرآن حڪيم جي اصطلاح، تقويٰ جيئن سمورين براين ۽ خباثتن کان بچڻ ۽ نفرت ڪرڻ جو نالو آهي، تيئن پاڻ ۾ عدل ۽ احسان جي ڪيفيت پيدا ڪرڻ جو نالو پڻ آهي.

### اصل مقصد

تنهن ڪري روزو اهو آهي جيڪو اسان کي پرهيزگاريءَ جو سبق ڏي، روزو اهو آهي جيڪو اسان جي اندر تقويٰ ۽ طهارت پيدا ڪري. روزو اهو آهي جيڪو اسان کي صبر ۽ تحمل، سختين ۽ تڪليفن سهڻ جو عادي بڻائي. روزو اهو آهي جيڪو اسان جي حيواني قوتن ۽ وحشياڻين خواهشن ۾ اعتدال پيدا ڪري. روزو اهو آهي جنهن سان اسان ۾ نيڪين جو جوش، صداقتن جو عشق، راستبازيءَ جي جرئت ۽ براين کان نفرت جي قوت پيدا ٿئي. اها ئي شيءِ روزي جو اصل مقصد آهي ۽ باقي سڀ ڪجھ وسيلن ۽ ذريعن جي قائم مقام آهي.

### ٺلهي بک ۽ اڃ

جيڪڏهن اسان ۾ اهي فضيلتون پيدا نه ٿيون ته پوءِ روزو، روزو نه آهي بلڪ رڳو بک جو عذاب ۽ اڃ جي تڪليف آهي. ڇا توهان نه ٿا ڏسو ته حديثن ۾ روزي جي برڪتن لاءِ ”احتساب“ جو به لازمي شرط آهي؟

”من صام رمضان ايمانا و احتسابا غفرلہ ماتقدم من ذنب“ (بخاري) ”جنهن شخص رمضان جا روزا احتساب سان رکيا ته الله سندس پويان سڀ گناهه بخشي ڇڏيندو. “



احتساب انهيءَ ڳالھ جو ته هو پنهنجي روزاني زندگيءَ ۾ ڪاڏي ڪان وٺي ٻين نفساني خواهشن ۾ ڪيترو ٻاراڻي طبعيت جو رهيو آهي ۽ ڪيترو بالغ ذهن رهيو آهي ۽ هُن پنهنجي نصيب ۾ ڪيترن ٻين محروم ماڻهن کي شامل حال رکيو آهي ۽ ڪيترن واسطيدارن جي استحصال کان پاڻ کي بچايو آهي.

### فضول روزو

ٻڌايو، ڪيترا ماڻهو آهن جيڪي روزا به رکن ٿا ۽ سندن زندگي هڪ سچي روزائت جيان پاڪ ۽ صاف آهي؟ آه! مان انهن کي سڃاڻان ٿو، جيڪي هڪ پاسي ته نمازون پڙهن ٿا ۽ روزا رکن ٿا، ٻئي پاسي ماڻهن جو مال هڙپ ڪن ٿا. عوام جا حق ٿا غصب ڪن، مٽن مائٽن جا حق ٿا لتاڙين، الله جي ٻانهن جون گلائون ٿا ڪن، ڪين ايذائيندا رهن ٿا، اهي دوکيباز آهن، مڪار آهن. يعني پنهنجي دل جي پيٽ کي ته گناهن جي گندگيءَ سان آسودو ۽ ڍايل رکن ٿا، جڏهن ته سندن جسم جو پيٽ بکايل هوندو آهي، ڇا هي اهي ئي روزائت ته ناهن جن بابت فرمايو ويو آهي ته: ”کم من صائم ليس لہ من صومہ الاالجوع والعطش“ (بخاري ۽ ابن ماجہ) ”ڪيترائي روزائت آهن، جن جا روزا سواءِ بک ۽ اڃ ڪاڻڻ جي ڪجھ ڪونهن.“

### روزو زحمت جو باعث

ڪيترائي روزائت آهن، جن جو روزو رحمت ۽ برڪت هئڻ بجاءِ الله جي بندن لاءِ هڪ آفت ۽ مصيبت آهي ۽ ڇتو ٿئي ها جيڪڏهن هو روزو نه رکن ها. سڄو ڏينهن بکايل رهي ۽ رات جو تراويحون پڙهي هو ايڏا مغرور ۽ بدنفس ٿي ويندا آهن، ڄڻ انهن خدا تي، سندس رسولؐ تي ۽ سندس سمورن بندن تي وڏو احسان ڪري ڇڏيو آهي ۽ ان جي معاوضي ۾ ڪين وڏائي ۽ خودپرستيءَ جي دائمي سَند ملي چڪي آهي. سندن هلت ۽ رويو اهڙو هوندو آهي جو محسوس پيو ٿيندو آهي ته هاڻي جيڪڏهن هو ماڻهن کي قتل به ڪري ڇڏين تڏهن به ڪائن ڪابہ پڇا ڳاڇا ڪونہ ٿيندي. اهي سڄو ڏينهن لفظن جي نشترن ذريعي ۽ اشارن جي نوڪدار چنبن ذريعي جانورن وانگر عوام کي چيريندا ڦاڙيندا رهندا آهن ته اسين روزائت آهيون!

### روزي جا ٽي نتيجا:

قرآن حڪيم روزي جي فرض ڪرڻ جي موقعي تي اسان کي روزي جا ٽي نتيجا ٻڌايا آهن:

(1) لَعَلَّكُمْ تَتَّقُوْنَ: ته جيئن توهان متقي بڻجو.
(2) وَلِتُكَبِّرُوا اللّٰهَ عَلٰى مَا هَدٰىكُمْ: ته جيئن ان هدايت جي عطا تي خدا جي پاڪائي ۽ وڏائي بيان ڪريو.
(3) وَلَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ: ته جيئن توهان خير ۽ برڪت جي عطا تي شڪر بجا آڻيو.

ان مان ثابت ٿيو ته روزي جي حقيقت ٽن جزن مان ٺهيل آهي، تقويٰ، تقديس ۽ شڪر.

محمد سليمان طاهر انڊڙ

# فرقي بازانسان جي نالي

- مذهب جي نالي تي فرقي بازي جو ڪاروبار ڪندڙ ”اي پاڪباز انسان!“ مسلمانن کي ”امتِ مسلمہ“ مان ٻاهر ڪڍي فرقن جي ڄار ۾ نہ ڦاساءِ.
- قرآن مجيد جي چٽين هدايتن جي بجاءِ ڪنهن جڙتو فڪر ۾ مسلمانن کي گمراهہ نہ ڪر!
- خدا جي عبادت جي بجاءِ پنهنجي پوڄا ڪرڻ لاءِ مسلمانن کي مجبور نہ ڪر!
- هي جيڪي نوان نوان نالا توگهڙيا آهن — ڇا مسلمان — مؤمن، متقي ۽ مجاهد جي وصفن وارا نالا توکي نٿا وڻن. توکي نون نالن چوائڻ ۾ وڌيڪ لطف اچي ٿو ۽ مسجدن تي بہ اهڙا جڙتو نالا لڪائي پاڻ کي امت مان ڪڍڻ چاهين ٿو!؟
- فقيهن ۽ محدثن جا اجتهادي مسلڪ تہ سڀ هدايت جا سرچشما آهن پوءِ انهن تي عمل ڪندي هڪ ٻئي کان نفرت ۽ تعصب ڇو؟
- سچ جي واٽ تہ هڪ آهي اها آهي عدل ۽ انصاف، امن ۽ سلامتي جي واٽ تہ پوءِ ايتريون واٽون الڳ الڳ ڇو ٺاهيون ويون آهن؟ ائين تہ ناهي تہ توهان کي روشني جي بجاءِ انڌيرو پسند آهي؛ يا اوهان ماڻهن کي روشني کان روڪڻ گهرو ٿا؟
- ڇا اوهان خدا جي جڳهہ وٺڻ چاهيو ٿا يا مقدس رسالت جي ممبر تي پير رکڻ جي جسارت ڪريو ٿا؟

جيڪڏهن ائين ناهي، تہ پوءِ:

- مسجدن کي پنهنجو ڪاروباري دڪان نہ ٺاهيو.
- تبليغ دين کي دنيا ڪمائڻ جو ذريعو نہ ٺاهيو.
- خدا ۽ رسول ﷺ جو نالو پنهنجي پيشي لاءِ استعمال نہ ڪريو.
- قال الله ۽ قال الرسول ﷺ جي درس کي شهرت ۽ دولت جو هٿيار نہ ٺاهيو.
- واعظ، نصيحت، مجلسن ۽ محفلن جا ڳرا اگهہ مقرر نہ ڪريو.
- اها ڳالهہ چئو جيڪا پاڻ ڪريو — منافقت کي ايمان کان ڌار ڪريو.
- انسان هر دؤر ۾ ڪمزور رهيو آهي — دولت، شهرت، عهدو ۽ چاپلوسي جهڙن حربن جي آڏو هميشہ جهڪندو رهيو آهي. پر انهن جو مقابلو ڪرڻ اصل بهادري ۽ عظمت آهي.
- اسان غلاميءَ جي دؤر ۾ پليا ۽ نپيا آهيون. اسان هڪ نسل جا غلام رهندا پيا اچون. غلاميءَ ۾ قومن جو ضمير بدلجي ويندو آهي. ضمير جي بدلجڻ سان هر شيءِ تي غلامي جا اثر پوندا آهن. اسان مان اهي ”وڏا ماڻهو“ چوائڻ لڳا جيڪي اسان ۾ سيني کان وڌيڪ منافق ۽ خوشامدي هئا.



اسان کيتري قدر ظلم ڪيو!

- سرمايہ دارن کي پيدا ڪري انهن جي حفاظت ڪئي.
- بادشاهن کي پنهنجي وچ ۾ جڳهہ ڏئي انهن کي ”ظِلّ اللّٰہ“ چيو.
- انهن جي هر معاملي ۾ اطاعت ڪري انهن کي ”اولي الامر“ قرار ڏنو.
- پاڻ ۾ هڪ جاگيردار طبقو پيدا ڪري انهن جي ملڪيت کي جائز تسليم ڪيو ويو.

اها اڄ جي ڳالهہ ناهي: ان وقت کان هلندي پئي اچي جڏهن:

- بني اميہ جي حڪمرانن کي ”خليفو“ چيو ويو.
- بنو عباس جي شهزادن کي پاڻ تي حڪمران مسلط ڪيو سون.
- مغل بادشاهن کي اسان پسند ڪندا رهيا سون.
- هر عياش ۽ منافق حڪمران جي حڪومت جي حمايت اسان لاءِ لازمي هئي.

اي مذهب جا پاسبانو!

- ڇا هدايت جا دروازا اوهان لاءِ بند ٿي ويا آهن؟
- ڇا ڪا بہ نصيحت اوهان تي اثر نہ ٿي ڪري؟
- اوهان ڇو سرمايہ دارن جي خوشامد ڪندا ٿا رهو؟
- ڇو اوهان دولت مندن جي چمچاگيري ڪندا ٿا رهو؟
- ظالم ۽ جابر جي آڏو اوهان گونگا ڇو ٿيڄي ويندا آهيو؟
- اوهان جي فتويٰ جو قلم سرمايہ دارن جي سامهون ڇو لڏي ويندو آهي؟
- اوهان جي زبان مان حق جو آواز، وقت جي يزيد جي خلاف ڇو نٿو نڪري؟
- ڪرپٽ ۽ منافق حڪمرانن جي حق ۾ اوهان جون تاويلون ڇو سند بڻجن ٿيون؟

ڪٿي اوهان کي اها غلط فهمي تہ ناهي تہ:

- غريبن ۽ مسڪينن جي حق ۾ آواز بلند ڪرڻ سوشلزم آهي.
- هارين ۽ مزدورن لاءِ نعرا بلند ڪرڻ ڪميونزم آهي.
- سرمايہ دارن ۽ قارونن جي خلاف جنگ ڪرڻ غير اسلامي آهي.

جيڪڏهن اها ڳالهہ ناهي تہ پوءِ:

- توهان اسلام کي سرمايہ دارن جو محافظ ڇو ٺاهيو آهي؟
- توهان معاشري جي قارونن جي عزت ڇو ٿا ڪريو؟
- مسجدن ۾ ”وڏن ماڻهن“ لاءِ مصلا ۽ ڪرسيون ڇو ٿا فراهم ڪريو؟
- دولتمندن سان هٿ ملائڻ فخر ۽ مسڪينن سان ملڻ حقارت ڇو ٿا ڄاڻو؟
- قرآن مجيد کي پٺي ڏيئي مغرب جي طريقي واري شيطاني سياست ۾ ڇو مشغول آهيو؟
- عياش ۽ بدڪار اميدوارن جي اليڪشن ۾ انهن لاءِ دعائون ڇو ٿا گهرو؟
- مغربي طرز واري سياست ۾ داخل ٿي، جهاد واري واٽ کان فرار ڇو ٿا اختيار ڪريو؟
- بدڪردار سماج پيدا ڪرڻ ۾ اوهان بہ ڀائيوار آهيو ۽ قرآني معاشري لاءِ ڪابہ

ڪوشش ڇو نٿا ڪريو؟

- جهاد ۽ انقلاب جي لفظن کان اوهان کي چڙ لڳي ٿي پر منافق حڪومت جا ساٿي ۽ شريڪِ سفر ڇو ٿيا آهيو؟

دين جا محافظو! اچو، قرآن جي طرف. اسلام جي طرف. پنهنجو مٿو جهڪايو الله جي حضور ۾ - ۽ صاف صاف چئي ڏيو ته:

- امير جي مقابلي ۾ مسڪين جي عزت وڌيڪ آهي.
- فاسق جي مقابلي ۾ متقي مؤمن جو اڪرام وڌيڪ حيثيت رکي ٿو.
- سرمايه داري ۽ اشتراڪيت ٻئي ڪفر جا نظام آهن.
- اسلام جو عادلانه، معاشي برابري ۽ ڪفالت جو نظام ئي برحق آهي.
- جنهن حڪومت ۾ غريب بک جي حالت ۾ رهي اها حڪومت فرعوني آهي.
- جنهن حڪومت ۾ مسڪين جي سار سنڀال نه لڌي وڃي اها قاروني حڪومت آهي.
- جنهن حڪومت ۾ هڪ شخص به بک وگهي مري وڃي ان حڪومت جو حڪمران جيڪڏهن "تاج محل" ٺهرائي ته اهو لعنتي حڪمران آهي.
- جنهن حڪومت ۾ حڪمران عيش ۽ عشرت تي خزانو لٽائي ڇڏي ۽ رعيت سڄائي ۽ بک ۾ تڙپندي رهي ته اهڙي حڪومت کي ميٽائڻ لازمي آهي ۽ اهڙي حڪومت خدا جي عذاب ۾ ضرور گرفتار ٿيندي.

امت مسلمه جي نالي تي رهبري ڪندڙ اڳواڻو!

- خدا جي واسطي پنهنجا ذهن ۽ سوچون وسيع ڪريو.
- تنگ ڳلين ۾ رهڻ ڇڏي ڏيو.
- اسلام جي شاهراهه تي اچي وڃو.
- فرقن ۽ پارٽين جي جنگ ڇڏي ڏيو.
- انانيت، شخصي مفاد، حسد ۽ بُغض کي دلين مان ڪڍي ڇڏيو.
- ڪلمهءِ توحيد جي بنياد تي مشرق ۽ مغرب جي انسانن کي مسلمان سمجهو ۽ گڏجي هلڻ لاءِ تيار ٿي وڃو.
- اسلام جي غلبي لاءِ طاغوتي حڪمرانن جي خلاف جهاد جي واٽ اختيار ڪريو.
- نفس، چاهت ۽ شيطاني بتن کي جيڪي اندر ۾ ويٺل آهن، انهن کي ٽوڙي ڇڏيو.
- بادشاهن، ولي عهدن، آمرن، ڊڪٽيٽرن ۽ نام نهاد منافق حڪمرانن جا تاج ۽ تخت نيست و نابود ڪرڻ لاءِ انقلابي نظرياتي امت ۾ بدلجي وڃو. سڀ گڏجي خدا جي رضامندي خاطر اسلام ۽ فقط اسلام جا سچا سپاهي ۽ مخلص ڪارڪن بڻجي هڪ جسم ۽ هڪ جان بڻجي وڃو.

إِنَّا لَنَنْصُرُ رُسُلَنَا وَالَّذِينَ آمَنُوا... الخ (سورة غافر ۵۱)
وَكَانَ حَقًّا عَلَيْنَا نَصْرُ الْمُؤْمِنِينَ... الخ(سورة الروم ۴۷)



سنڌيڪار: مولانا عبداللطيف نانگراج

# قرآن جو عملي پروگرام ئي ان جو حقيقي اعجاز آهي

هن ڳالهه ۾ ته سڀ مسلمان متفق آهن ته قرآن معجزو آهي يعني ان جهڙو ڪتاب ڪو به انسان پيش نٿو ڪري سگهي. پر ان جي اعجازي نڪتي جي باري ۾ مسلمانن ۾ گهڻو ئي اختلاف رهيو آهي. پهرئين دور جي ڪيترن ئي عربي اديبن ۽ مفسرن قرآن جي نظم کي معجزي طور پيش ڪيو ۽ پنهنجون توانائيون ان تي صرف ڪيائون، پر عجمي علماء ۽ فلسفي مزاج انسانن قرآن جي نظم جي اعجاز کي ڪا خاص اهميت نه ڏني. پر انهن جي هن نظريي جي باري ۾ هي توجيهه ڪري سگهجي ٿي ته جيئن ته عجمي قوم قرآن جي عربي نظم جي ادبي چاشني کي پليءَ پت سمجهڻ کان قاصر آهي، انهي ڪري قرآن جو اعجاز، نظم جي لحاظ کان نه بلڪ انهن کي ڪنهن ٻئي خيال کان تلاش ڪرڻو پيو. تنهن ڪري هن اختلاف کي ايڏي وڏي اهميت نه ڏيڻ کپي.

هيءَ ڳالهه اٽل آهي ته قرآن جي اعجاز جا مختلف پهلو آهن. نظم عجيب آهي. معاني جي ترتيب حيران ڪندڙ آهي. گذريل تاريخي واقعات مختصر ۽ جامع انداز سان اهڙي طرح بيان ڪيا ويا آهن جو عبرت ۽ نصيحت ۽ بصيرت ڏانهن متوجهه ڪندي قومن جي عروج ۽ زوال جا قانون آسانيءَ سان سمجهيا وڃن ٿا. ايئن ته اعجازي سبب ڪيترائي آهن جن تي گذريل ڪتابن ۾ وڏو زور ڏنو ويو آهي، پر قرآن جو حقيقي اعجاز ان جو انسان دوست فڪر آهي يعني اهڙوعملي پروگرام جنهن کي اپنائڻ سان پوري انسانيت جي ڀلائي نمودار ٿئي ٿي. مطلب ته قرآن پنهنجي فڪر ۽ ان تي مرتب ٿيندڙ عملي نظام جي لحاظ کان معجزو آهي.

ان کي آساني سان اجا هيئن چئجي ته قرآن ڪريم فطري اصولن تي قائم ٿيندڙ اهڙي نظام جو داعي آهي جنهن سان پوري انسانيت هڪ وحدت ٿي ڪري هڪ ٻئي جي ڀلائي لاءِ ڪم ڪري ٿي ۽ اهو ئي وڏو چيلنج آهي دنيا جي سمورن فڪرن ۽ نظرين کي ته "فاتوبسورة من مثله" اهڙو نظام پيش ته ڪري ڏيکاريو. جيڪڏهن قرآن جي اعجاز جي هن پهلو کي ڏسبو ته پوءِ ئي هدي للناس ۽ شفاء للناس جي معني سمجهه ۾ ايندي. ڇو ته اعجاز جو هيءُ پهلو ڪنهن هڪ قوم سان نه، ڪنهن خاص حالت سان نه، ڪنهن مخصوص زبان وارن سان نه بلڪ ان مان هر دور جو انسان فائدو وٺي سگهي ٿو، ڇو ته هي فطرت الله التي فطرالناس عليها آهي ۽ فطرت کي هر انسان سمجهي سگهي ٿو. رڳو مصنوعي پردن کي هٽائي ضمير جي روشنيءَ سان ڏسڻ جي ضرورت آهي.

اعجاز جي هن نموني کي عربي ، عجمي، فلسفي، عام انسان بلڪ هر هڪ سمجهي

سگهي ٿو. باقي جيڪڏهن هن جي اعجاز کي عربي نظم ۾ بند ڪبو بلڪ محدود ڪبو ته ان کي چند عربي اديب ئي سمجهي سگهن ٿا باقي ٻيا ماڻهو ان جي اعجازي خوبين کان محروم رهندا. تنهن ڪري قرآن جي اعجاز جي عموميت لاءِ هيئن چئبو ته قرآن هڪ انقلابي تحريڪ جو نصب العين آهي. هي ڪتاب ڪنهن خاص قوم لاءِ نه بلڪ هي هڪ اهڙو نظام آهي جيڪو پوري انسانيت، اڄ جي زبان ۾ بين الاقواميت جو تصور پيش ڪري ٿو ۽ جڏهن به ڪا به جماعت ان کي پنهنجي سوسائٽي ۾ نافذ ڪندي ته ان جا به اهي نتيجا نڪرندا جيڪي اسلام جي پهرئين دور ۾ دنيا ڏسي چڪي آهي. اهو قرآن جو اثر آهي.

قرآن جي هن انقلابي فڪر ۽ انسان دوست نظريي کي دنيا جي عام نظرن کان اوجهل رکڻ لاءِ مختلف حربا استعمال ٿيندا رهيا آهن.

مسيحي دنيا جو سرمائيدار طبقو هن فڪر تي مسلسل پردا وجهڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو آهي. جيئن مصر جو مشهور عيسائي مورخ جرجي زيدان اسلام جي پهرئين انقلاب کي چند مخصوص انسانن جي قوت ۽ همت ۾ بند ٿو ڪري. يعني اهو انقلاب قرآن جي تعليم جو اثر نه بلڪ اتفاق سان چند جانباز ۽ طاقت ور ۽ ديانتدار ماڻهن جو نتيجو هيو.

اڄ جي دور ۾ ڪي وري حجازي انقلاب کي پيغمبر صلي الله عليه وسلم جن جي شخصيت ۾ منحصر ڪن ٿا. يعني ان انقلاب جو بنياد قرآني فڪر نه بلڪ هڪ بهترين ۽ باڪمال شخصيت جي ڪري قائم ٿيو. تنهن ڪري جيڪڏهن ڪڏهن به ڪا اهڙي باڪمال شخصيت پيدا ٿيندي ته ممڪن آهي ته اهو اثر ٻيهر وجود ۾ اچي. پر جيڪڏهن غور سان ڏٺو وڃي ته حجازي انقلاب جو بنيادي ڪارڻ قرآن جو اهو عملي پروگرام آهي، جنهن ۾ پوري انسانذات لاءِ ڀلائي سمايل آهي. ۽ اهو فڪر اهڙي بنيادي بلڪ عالمگير اصولن تي مشتمل آهي جيڪي نه ڪڏهن بدليا آهن ۽ نه ئي وري بدلجي سگهن ٿا.

يعني اهو انساني فطرت جو آواز آهي ۽ سمورن آسماني مذهبن ۽ حڪيمن جو اصل الاصول اهو ئي فڪر رهيو آهي. هي اصول ازلي ۽ ابدي آهن. پيغمبرن جي بنيادي تعليم اهي ئي اصول رهيا آهن. قرآن ۾ ارشاد آهي:

ترجمو: ” توهان جي لاءِ اهوئي دين مقرر ڪيو ويو آهي جنهن جو حڪم نوح (عليه السلام) کي ڏنو ويو ۽ اهو ئي ابراهيم، موسي ۽ عيسي (عليهم السلام) ڏي موڪليو ۽ توتي به اهو ئي وحي ڪيو ويو آهي اهو هي آهي ته هڪ خدا جا ٿي رهو ۽ پاڻ ۾ فرقا ٺاهي ڦوٽ نه وجهو.“ (الشوريٰ-13)

قرآن جو هڪ ٻيو ارشاد آهي:.

ترجمو: ” بيشڪ اوهان هڪ ئي امت آهيو ۽ آءٌ هڪ ئي توهان جو رب آهيان پوءِ انڪار ۽ بدعملي جي نتيجن کان ڊڄو. پر افسوس جو ماڻهو هڪ ٻئي کان ڇڄي جدا جدا ٿي ويا ۽ پنهنجا پنهنجا جدا فرقا ٺاهيائون. هاڻي جيڪو جنهن جي پلو ۾ آهي سو انهيءَ ۾ مگن ۽ خوش آهي.“ (المومنون. 53)

هڪ هنڌ هيئن ارشاد آهي:

ترجمو: ” اوهان مان هر هڪ قوم لاءِ اسان هڪ شرع ۽ منهاج ٺهرايو (يعني هر هڪ قوم لاءِ



مذهبي زندگي جو طريقو مقرر ڪيو).“ (المائده. 48)

حضرت ابن عباس رضه منهاج جي معني طريقو يا رستو ڪئي آهي. پڻ ارشاد آهي:

ترجمو: ”هر هڪ امت لاءِ اسان هڪ طريقو مقرر ڪيو.“ (الحج. 67)

شاه ولي الله رح هنن آيتن کي سامهون رکي ڪري فرمائن ٿا ته اصل دين هڪ ئي آهي. ۽ سمورن پيغمبرن جي بنيادي تعليم اها هڪ ئي رهي آهي يعني توحيد: (خدا هڪ آهي) ان جي ئي عبادت ڪئي وڃي. ان جي ئي نظام جي پيروي ڪئي وڃي. هر مصيبت ۾ ان کان مدد گهري وڃي ۽ جيڪي شيون ان جي شان سان ٺيڪ نه ڪائن انهن جي نسبت کان پاسو ڪيو وڃي.

**آخرت جو تصور:**

هر شي وانگر عملن جا به نتيجا آهن. مرڻ ڪانپوءِ سٺن عملن جو سٺو نتيجو ۽ برن عملن جو برو نتيجو ملندو. ٻين لفظن ته موت زندگي جي انتها ۾ بلڪ هڪ نئين زندگي جي ابتدا آهي.

اڳتي هلي شاه صاحب لکن ٿا ته سڀ پيغمبر نيڪي ۽ بديءَ جي بنيادي اصولن ۾ به متفق آهن ۽ اهو ئي دين آهي. باقي انهن جي شڪل ۽ صورت حالات ، زمان ۽ مڪان جي لحاظ کان تبديل ٿيندي رهي آهي. ان جو نالو شريعت ۽ منهاج آهي.

تنهن ڪري عبادتن جي طريقي ۾ اختلاف، اهڙي طرح خانداني قانونن ۾ اختلاف يا معاشي ۽ معاشرتي قانونن ۾ اختلاف هجڻ جي باوجود انهن سڀني جو روح هڪ ئي هوندو آهي.

پر تاريخ ۾ ٿيندو هيئن رهيو آهي ته هڪ قوم ڏانهن پيغمبر آيو، پوءِ ان قوم کي ان آسماني تعليم مطابق هلايو. پر زماني جي گذرڻ سان ان تعليم ۾ قومي رسمون داخل ٿي ويون. اڳتي هلي ان قوم پنهنجي قومي رسمن کي اصل دين قرار ڏئي ڪري انهن تي ٽڪ هڻي ويهي رهي. ان کي ئي آسماني دين سان تعبير ڪري پنهنجو پاڻ کي حق جي پرچارڪ سڏرائيندي ٻين کي گمراه ۽ ڪافر چوندي آئي.

جنهن ڪري هڪ خالص انسان دوست پروگرام هڪ قومي رسم بڻجي ٿي ويو. ائين ئي هر قوم پنهنجو پنهنجو دين ٺاهي ان کي مخصوص نالو ڏئي پنهنجي انانيت جي تسڪين ڪندي رهي، جنهن ڪري فرقا ۽ ٽولا ٺهي پيا. پوءِ الله پنهنجي حڪمت سان انهن لاءِ حق چٽو ڪرڻ لاءِ پيغمبر موڪليا جن انهن کي دين جي اصليت ۽ وحدت ڏانهن مائل ڪيو.

ارشاد آهي: ”يعني هر پيغمبر جي تعليم سان اهو حشر ٿيو جو ان ۾ غلط رسمون مذهب جو حصو بڻجي ويون نتيجي ۾ خالص پروگرام وهم پرستي بڻجي ويو پوءِ الله پنهنجي حڪمت سان خالص کي کوٽي کان الگ ڪرڻ لاءِ نئون پيغمبر موڪليندو آهي ته جيئن صاف پروگرام محفوظ رهي ۽ وحدت انساني قائم ٿئي.“

تنهن ڪري شاه صاحب فرمائن ٿا ته مون وٽ اسلام جي تعليم جو لب لباب قرآن جي هيءَ آيت آهي: “هُوَ الَّذِي أَرْسَلَ رَسُولَهُ بِالْهُدَىٰ وَدِينِ الْحَقِّ لِيُظْهِرَهُ عَلَى الدِّينِ كُلِّهِ وَلَوْ كَرِهَ الْمُشْرِكُونَ ” يعني قرآن جو اصلي مقصد هي آهي ته سمورن فرقيوارانه مذهبن کي ختم ڪري انسانيت جي ڀلائي جو نظريو پيش ڪرڻ ۽ ان کي عملي شڪل ڏئي دنيا جي لاءِ آئيڊيل بڻائڻ آهي.

جيئن تہ خالص ۽ بي داغ انسانيت جو قيام قرآن جو نصب العين آهي ۽ ان تي هو هڪ عملي نظام بہ قائم ڪري ڏيکاري چڪو آهي. تنهن ڪري قرآن انهن سڀني مصنوعي مذهبن کي يڪ قلم ”ولاتتفرقوا“ سان ختم ڪري ڇڏيو ۽ ”واعتصموا بحبل الله جميعا“ جي تلقين ڪندي انهن کي گڏ ڪرڻ جو حڪم ڏنو.

قرآن اهو نظريو پيش ڪيو تہ خدا جو سچو دين هڪ آهي. اهو آهي پوري انسانذات جي ڀلائي. تنهن ڪري قرآن اڳين پيغمبرن جي تعليم کي غلط قرار نٿو ڏئي بلڪ انهن جي خالص ۽ بنيادي صداقتن کي تسليم ڪري ٿو ۽ ان جي پيروڪارن کي پاڻ سان گڏ هلڻ جي دعوت ڏئي ٿو. قرآن اڳين مذهبن جي عالمگير اصولن کي گڏ ڪري پوري دنيا کي اهو پيغام ڏئي ٿو تہ هي ئي اصل الاصول آهي. هي ئي هڪ بنيادي نڪتو آهي جنهن تي هڪ صحيح بين الاقوامي پروگرام جي تعمير ڪري سگهجي ٿي.

قرآن هڪ ميزان (تارازي) آهي جنهن سان سڀني کي ماپي سگهجي ٿو ان ۾ يهودي، عيسائي، مسلمان وغيره سڀ برابر آهن. بس اصل دين هڪ ئي آهي باقي ٻيون اختلافي شيون شعائر ۽ رسوم آهن جيڪي مقصد کي حاصل ڪرڻ جا ذريعا آهن ( انهن جي افاديت کان انڪار نٿو ڪري سگهجي) پر جيڪڏهن روح کان خالي رڳو صورتن جي پوڄا پاٺ ڪئي وڃي يا انهن کي اصل جي حيثيت ڏني وڃي تہ اها دين ۾ تحريف آهي. قرآن مجيد بي روح رسمن جي خلاف جهاد جي تلقين ڪري ٿو ۽ اهو ئي سبب آهي جو يهودين جي ظاهري دينداري تي ان سڀ کان وڏيڪ نڪير ڪئي آهي.

قرآن مجيد فطري تعليم جو ترجمان آهي. ان جو مطلب هيءُ آهي تہ اهو اهڙو پروگرام پيش ڪري ٿو جيڪو انساني نوع جي نوعي تقاضا آهي ۽ ان ۾ پوري انسانذات لاءِ ڀلائي لڪل آهي. هن جو پروگرام خاص وقت ۽ جماعت سان ڳنڍيل نہ آهي بلڪ هر دور ۾ ۽ هر سوسائٽي ان تي عمل ڪري ڪامياب ٿي سگهي ٿي. ان جي ابتڙ جيڪڏهن قرآن کي هڪ مخصوص گروهہ جو ڪتاب يا مخصوص وقت ۾ فائدو ڏيندڙ ڪتاب تسليم ڪيو وڃي تہ پوءِ ان کي ازلي ۽ ابدي پروگرام چوڻ بلڪل غلط ٿيندو . قرآن مجيد سموري انسانيت جو ڪتاب آهي.

پر ان جو اهو مطلب نہ آهي تہ هر زماني ۾ ان جي صورت هڪ ئي رهندي. بيشڪ هڪ زماني ۾ ان جي صورت هڪ خاص شڪل ۾ ظاهر ٿي پر ضروري ناهي تہ بعينہ اهائي شڪل ٻئي زماني ۾ بہ قائم ٿئي. زمانو تبديلي جو نالو آهي. زندگي ارتقائي تسلسل سان ڳانڍاپيل آهي. حالات، زمان، مڪان ۽ سوچن جي تبديلي قانون جي تبديلي جي متقاضي آهي. تنهن ڪري اڄ جي دور ۾ بعينہ خلافت راشده جهڙي صورت نٿي ٿي سگهي. جيڪي ائين سمجهن ٿا اهي قرآن جي حڪمت کان بي خبر آهن. بيشڪ خلافت راشده جي حڪومت قرآن جي فڪر جو عملي نمونو بلڪ اعليٰ عملي نمونو هئي، پر نمونو هر دور ۾ هڪ جهڙو نہ رهندو بلڪ ان جو روح ۽ اساس باقي رهڻو آهي.

قرآن اڄ بہ اسان جي رهنمائي ڪري سگهي ٿو. هن زماني ۾ قرآن جي بنياد تي صحيح حڪومت قائم ڪري سگهجي ٿي پر ان لاءِ ضروري آهي تہ قرآن کي عقل ۽ فهم سان سمجهيو وڃي. معروضي حالتن مطابق ان مان فائدو ورتو وڃي. ان جي عالمگير اصولن کي سمجهي اڄ



جي زبان ۾ ان جي ترجماني ڪئي وڃي. ٻين لفظن ۾ قرآني فڪر کي عوامي سوچ ۾ تبديل ڪري انقلاب لاءِ راهہ هموار ڪئي وڃي.

مطلب تہ قرآن جو مقصد انسانذات جي تمدني ترقي سان گڏ ان جي اخلاقي تعمير ڪرڻ آهي. حقيقي تمدني ترقي صحيح اخلاقي اصولن سان ئي قائم ٿي سگهي ٿي. تنهن ڪري قرآن انسانن کي انهن بنيادي اخلاقي اصولن ڏانهن متوجهہ ڪري ٿو.

ان جو پيغام سڀني مصنوعي اختلافن کي ٽوڙي هڪ وحدت ۾ پوئي ٿو. اها وحدت توحيد آهي. يعني هڪ الله تي ايمان آڻيو، هڪ الله جا ٿي رهو، سڀ انسان الله جا پيدا ڪيل ۽ ان جا بندا آهن. يعني عبديت ۾ سڀ برابر آهن. اهو توحيد جي ذريعي انساني مساوات جو پيغام ڏئي ٿو. آقا ۽ غلام جي تصور کي ڪچلي ٿو. اهو ئي سبب آهي جو ان دور جون ٻہ وڏيون سلطنتون قيصر ۽ ڪسريٰ جيڪي طبقاتي نظام تي قائم هيون انهن کي ختم ڪري توحيد جي تصور تي انساني مساوات وارو نظام قائم ڪرڻ پيغمبر صہ جي بنيادي مقصدن منجهان هڪ هيو.

قرآن توحيد کي اعليٰ نصب العين طور پيش ڪري ٿو. خدمت ۽ حريت، انسانيت کي ان نصب العين کي عملي طور پيش ڪرڻ جو ذريعو قرار ڏئي ٿو. يعني توحيد جي عقيدي جي عملي تصوير انسانذات جي خدمت ۽ آزادي آهي. ڇو تہ توحيد جو تصور ئي سڀني اڪائين کي هڪ وحدت ۾ پروئي ٿو جنهن مان انساني مساوات جا گل ڦٽن ٿا. ان کي ايا واضح ڪجي تہ صحيح خدا شناسي جو لازمي نتيجو انسان دوستي آهي ۽ قرآن مجيد اهڙي ئي خدا شناسي جي تعليم ڏئي ٿو. پوءِ اهو چئي ٿو تہ هن پروگرام کي عام سوسائٽي ۾ ”جادلهم بالتي هي احسن“ يعني نرمي سان سمجهايو ۽ جيڪڏهن ڪي انسانيت جا دشمن رڪاوٽون وجهڻ جي ڪوشش ڪن تہ انهن سان جنگ ڪيو ۽ درحقيقت اهوئي جهاد جو مفهوم آهي. يعني حق لاءِ قربان ٿي وڃڻ ۽ مفاد عامہ لاءِ جنگ ڪرڻ.اهڙي جدوجهد ۽ جنگ انسانيت جي وڏي ۾ وڏي خدمت آهي. توهان پوري قرآن کي غور سان پڙهو، اهو ايمان بالله ۽ جهاد في سبيل الله سان ڀريو پيو آهي. هڪ عقيدو آ تہ ٻيو عمل. هڪ نصب العين آ تہ ٻيو مسلڪ. ٻئي هڪ ٻئي لاءِ لازم ۽ ملزوم آهن. جيڪڏهن ڪو هڪ انهن مان ناقص آهي تہ پڪ سمجهو تہ ٻيو بہ ناقص هوندو. ان معنيٰ سان ايمان بالله ۽ جهاد في سبيل الله هڪ اهڙي ڪسوٽي آهن جنهن سان هر فرد، هر جماعت ، هر قوم ۽ هر نظام ۽ قانون پرکي سگهجن ٿا. ان ۾ ڪنهن بہ قسم جي رعايت جي ڪابہ گنجائش نہ آهي.

هڪ زماني ۾ مسلمان انهن ٻنهي وصفن سان سرشار هئا. ان ڪري قرآن انهن کي امت وسطاً جي لقب سان نوازيو. ارشاد آهي: ”وَكَذٰلِكَ جَعَلْنٰكُمْ اُمَّةً وَّسَطًا لِّتَكُوْنُوْا شُهَدَآءَ عَلَى النَّاسِ“

بيشڪ مسلمانن جو هي امتياز هن ڪري آهي جو اهي ايمان بالله ۽ جهاد في سبيل الله کي صحيح معني ۾ مڃن ٿا ۽ ان تي عمل ڪن ٿا.

(قرآن مجيد، انسانيتِ عامه ڪا داعي؛ از: مولانا عبدالله سنڌي؛ ترتيب: محمد سرور ماهنامه فڪر و نظر: 1968 تان ورتل)

حڪيم مولانا عطاءُ الله پناڻ

# اولاد جي تربيت جا ڪي اصول

دنيا ۾ سڀ کان وڌ قيمتي شيءِ انسان جو وجود آهي. ان لاءِ ئي سڀ قيمتي ۽ اڻ مُلھ شيون پيدا ڪيون ويون آهن. انسان کي جيڪي اڻ ڪٿ نعمتون عطا ڪيون ويون آهن، انهن مڙني کان وڌ قيمتي سندس اولاد آهي. هيءَ رڳو نعمت ئي نہ آهي پر بيحد قيمتي ۽ تمام نازڪ امانت پڻ آهي جا صحيح تربيت ڏيڻ، سندس اخلاق، ڪردار، گفتار کي سنوارڻ سڌارڻ ۽ ان کي خليفتہ الله في الارض واري ذميواري صحيح ۽ سهڻي نموني پوري ڪرڻ لاءِ والدين کي عطا ٿي آهي. پاڻ سڳورن ﷺ جن فرمايو آهي ”سڀڪو ٻار دين فطرت (يعني صحيح ۽ سڌي راھ) تي پيدا ٿيندو آهي. پوءِ والدين ان کي يهودي، نصارو يا مجوسي بنائي ڇڏيندا آهن.

دنيا جي مذهبن ۾ ٻارن جي تربيت جي ذميواري والدين تي مڙهي وئي آهي. هاڻي انهن جي مرضي آهي تہ ٻارن کي الله پاڪ جو فرمانبردار ٻانهو بڻائي ٻار ۽ پاڻ لاءِ جنت حاصل ڪن يا سندن تربيت ۾ غفلت ۽ لاپرواهي ڪري ڪيس ڏٽي سائين جو نافرمان بنائي انهن لاءِ جهنم ۽ پنهنجي لاءِ نقصان ۽ ٽوٽي جو سبب بنائين.! پاڻ سڳورن فرمايو، ”پيءُ جو اولاد لاءِ سڀ کان پلو تحفو ۽ ڪارگر نعمت، اولاد جي خُلق کي ٺاهڻ، سنوارڻ ۽ سڌارڻ آهي.“ نيڪ ۽ صالح اولاد صدقہ جاريہ آهي ۽ اهڙي سيڙپ آهي جا رائيگان نٿي وڃي. الله سائين فرمائي ٿو: قُوۡۤا اَنۡفُسَكُمۡ وَ اَهۡلِيۡكُمۡ نَارًا (تحريم-6) ايمان وارو! پنهنجو پاڻ کي ۽ پنهنجي اهل وعيال کي باھ کان بچايو! سمجهدار والدين ائين نہ ڪندا آهن جو رڳو پنهنجو ئي نيڪ عملن لاءِ ڪوشش ۽ محنت ڪن، پر اهي دل و جان سان اولاد جي تربيت، صحيح نگهباني ۽ سنوارڻ سڌارڻ لاءِ فڪرمند هوندا آهن.

ٻارن جي صحيح تربيت ۽ انهن جي سڌرڻ لاءِ ڪوڙ سارا ڪم ڪرڻا پون ٿا پر اسان توهان کي ڪي اهم ڪم ٻڌايون ٿا جن تي عمل ڪرڻ سان اولاد جنت جو ميوو ثابت ٿي سگهن ٿا.

(1) گهر جو ماحول: ٻار جي سڌاري ۽ تربيت جو پهريون اسڪول گهر آهي. خوشگوار ۽ ڪلِ پوڳ جي ماحول ۾ پڙهيل ۽ پليل ٻار گهڻو ڪري صحتمند، خوش طبع، ٻين جي عزت ڪَرڻ وارو ۽ ذهين ٿيندو آهي. گهر ۾ ٻارن کي پاڻ سان گڏ ويهاري کاڌو کارائڻ سان کاڌي جا آداب، سهڻو طريقو، گفتگو جو انداز وغيره سڀ ٻار کي سيکاري سگهجن ٿا. پر جيڪڏهن گهر جا وڏڙا پاڻ ۾ وڙهندا ۽ جهڙندا رهن ۽ ڇڪتاڻ واري حياتي هوندي ۽ گٿا سٿا لفظ چوڻ جي عادت هوندي، ٿوري گهڻي تي طلاق ڏيڻ وٺڻ جون ڳالهيون هونديون تہ ٻارن تي ان جو الٽو اثر ضرور پوندو.

2- خيال ۽ راءِ کي تعميري انداز ۾ پيش ڪرڻ: جنهن گهر ۾ تمام گهڻي اٽبٽت هجي يعني اختلاف راءِ کي مثبت بدران منفي انداز ۾ پيش ڪيو وڃي. ماءُ هڪ ڳالھ ڪري، پيءُ ان جي الٽو ڳالهائي. ڏاڏي ڏاڏو اجان ڪا ٽين ڳالھ ٻڌائين تہ اهڙي ماحول ۾ ٻار جو ذهن پريشان



رهندو. پنهنجو عقل ۽ دماغ ڊوڙائي ڪنهن کي بہ صحيح چوڻ جو يا ڪنهن هڪ جي ڳالھ کي درست چئي ان تي عمل ڪرڻ جي سگھ نہ رهندس. ڪڏهن وري ائين بہ ٿيندو آهي تہ ماءُ، چوڪرين کي اهڙا ڪپڙا ٺاهي پارائيندي آهي جيڪي پيءُ کي بنھ نہ وڻندا هجن تہ اهي سڀ ڦڏي ۽ فساد جو ٻج ڇٽڻ برابر آهي، انڪري خيال ۽ رايو وڏڙن جو هڪٻئي جي متضاد نہ بلڪ مثبت ۽ موافق انداز ۾ هئڻ گهرجي.

3- تربيت ڪندڙ ذريعا: اڪيلو ماڻهو هيترن سارن ڪمن کي منهن ڏيڻ جي سگھ رکندڙ نہ هوندو آهي. گڏيل خاندان ٻار جي تربيت جو اهم ۽ خاص ذريعو آهي. گڏيل ماحول ۾ رهڻ سان هڪٻئي کي برداشت ڪرڻ جو مادو پيدا ٿئي ٿو. وڏڙن کي حياتيءَ جا وڏا تجربا حاصل هوندا آهن. انڪري جيتري ۽ جهڙي تربيت ڏاڏي يا نانيِ ڪندي اوتري ٻيو ڪو، نہ ڪري سگهندو. ٻارن کي کاڌو کارائڻ، وقت تي ننڊ ڪرائڻ جا گُر اهي خوب ڄاڻن ٿيون.

گڏجي هڪ ماحول ۾ رهڻ وارو زمانو ختم ٿي ويو آهي. هرڪو ڌارو ڌار.... ڏاڏي، ناني جي چوڌاري رات جي وڳڙي ۾ گڏجي آکاڻيون ٻڌڻ وارو مزو، پڇڻ، ٻڌڻ انهن ٻيجا ڪچهرين مان ڪٿي ٿو حاصل ٿي سگهي؟ اڄوڪا ڪارٽون، ڊراما وغيره تہ ٻئي جو حق ڦٻائڻ، ويڙھ ۽ جهيڙي ۽ بدخلقيءَ ڪانسواءِ تہ ٻيو ڪي بہ ڪين ٿا سيکارين!

توهان ڏٺو هوندو تہ ٻار پنهنجي وڏڙن جي ڳالهين ۽ ڪمن کي پنهنجي ڪچڙي دماغ ۾ ويهارڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. ننڍڙي ڇوڪري ڏسي ٿي تہ سندس ماءُ مٿي تي پوتي رکيو قرآن پئي پڙهي، گهر جو ڪم ڪار پئي ڪري تہ ڇوڪري بہ اهو ئي ادب سکي ٿي. پر جيڪڏهن ماءُ دير سان اٿي ۽ اٿڻ شرط وڃي ميڪ اپ ڪرڻ کي لڳي وڃي تہ سندس نياڻي بہ اهو ئي سکي ڪندي.

4- ٻارن جي ڳالھ ڌيان ڏئي ڪن ڏيڻ: ننڍا ٻار جڏهن اسڪول ۾ استادن، ساٿين يا رستي ويندڙن جي لباس، ڳالهائڻ ۽ ٻي هلت چلت کي ڏِسيو جڏهن گهر اچي وڏڙن سان حال اورين تہ وڏي تحمل ۽ بردباري سان انهن جي ڳالھ ٻڌڻ گهرجي. ٻار گٿو سُٿو ۽ اڻ سڌو ڳالهائي تہ ان کي صحيح ۽ سڌي ڳالهائڻ لاءِ رهبري ڪجي. ائين ڪرڻ سان ٻار ۾ اهو احساس نہ ٿيندو تہ منهنجي ڳالھ جي ڪا اهميت ئي نہ آهي ۽ جهڙي طرح منهنجي اڻ ٻڌي ڪئي وئي مان بہ هاڻ ائين ڪندم....

ٻارن جي رنگ ڍنگ، خوبصورتي، شڪل ۽ صورت ۽ قد ڪاٺ جي ڀيٽا هڪٻئي سان هرگز نہ ڏجي جو هڪڙن کي ٻين جي سامهون چئجي تہ تون هن کان خوبصورت آهين.... تون سلڇڻو آهين. ائين چوڻ سان هڪڙا تہ فخر ۽ آڪڙ ۾ پرجي ويندا ۽ ٻيا دل ئي دل ۾ سڙندا ۽ پڇندا رهندا ۽ انهن ۾ نفرت ۽ بغض پيدا ٿيندو جنهن ڪري جوڙ جي بجاءِ ٽوڙ پيدا ٿي پوندو.

5- هرويرو کاوڙ ڪرڻ نہ گهرجي: ٻار جيڪو چڱو، مندو ڳالهائي ان ڌيان ڏئي ڪن ڏيئي پوري ڳالھ ٻڌجي ائين نہ چئجي تہ بس ڪر! مختصر ڳالھ ڪر! جند ڇڏاءِ! ڪو ٻار ڏاڍيان ڳالهائي تہ ان کي کاوڙ مان نہ چئو تہ ڪتي جيان ٿو ڀونڪين... گڏھ جيان ٿو هينگين وغيره.... پر ٿڌي دل سان آرام ۽ سڪون سان چئجي تہ دانهن ڪرڻ سان گلو خراب ٿيندو آهي،

تنهنجو منڍو آواز متجي خراب ٿي ويندو. جاين تي چڙهڻ، لغڙ اڏائڻ واري کي سمجهائجي ته ڏور سان هٿ خراب ٿي ويندا. جاءِ کان هيٺ ڪري پئبو... هٿ پير ڀڄي پوندا.... وغيره...

**ٻار کي غلطيءَ تي ٽوڪجي ۽ چڱي ڪم تي واھ واھ ڪجي:**

ٻار کي ساڄي هٿ سان کائڻ جي عادت وجهجي پر جي هو کاٻي سان کائي ته هروڀرو مارڪٽ نه ڪجي نه ئي وري کو گهڻ وڏ ڳالهائجي. والدين جيڪڏهن ساڄي هٿ سان کائڻ، کاڌي کان اڳ بسم الله الرحمٰن الرحيم پڙهڻ، کاڌي بعد الحمد الله چوڻ، پاڻي ويهي ٽن ساهين ۾ پيئڻ، گلاس ساڄي هٿ ۾ جهلڻ جي عادت بنائيندا ته ٻار به کائنئن اهو ئي سکندو ۽ رات جو سمهڻ جون دعائون پاڻ به والدين پڙهندا ۽ ٻار کي به هيرائيندا ۽ معنيٰ سان سيکاريندا ته انهيءَ سان رب پاڪ جي محبت ۽ عظمت دل ۽ دماغ ۾ پيهي ويندي ۽ خدا ترس ٿيندا.

۽ ٻار جڏهن ڪو چڱو ڪم ڪري ته ان جي حوصلي ۽ همت افزائي لاءِ شاباس ڏيڻ گهرجي. ائين ڪرڻ سان ٻار ۾ نيڪي ڏانهن لاڙو پيدا ٿيندو ۽ ٻيو ته چڱي ڪم ڪرڻ تي ڪو هلڪڙو ڦلڪڙو انعام وغيره به ڏجي.

ٻار جي ڪنهن ناجائز ڳالهائڻ يا اهڙي رويي اپنائڻ کي برداشت ڪرڻ: ٻار جيڪڏهن اهڙي ڪا حرڪت ڪري جا مناسب ۽ سٺي معلوم نه ٿئي ته هڪدم ٽپي باھ نه ٿيڻ گهرجي. پر سٺي نموني سان سمجهائڻ گهرجي.

**بالغ ٿيڻ کان پوءِ**

هڪڙن ماڻهن جو خيال آهي ته اولاد جڏهن وڏي ٿي بالغ ٿي وڃي ته ڪيس تربيت جي ضرورت نه آهي پاڻهي سڀ ڪي سکي ويندو. ائين نه آهي. جوان اولاد کي اعتماد ۾ وٺي ڪو فيصلو ڪجي.، انهن سان صلاح مشورو ڪجي، انهن جي صحيح راءِ کي ترجيح ڏجي. هينئر هو دنيا جي هڪ عجيب زندگيءَ ۾ پير رکي رهيا آهن. شهوت جو غلبو، پنهنجو پاڻ کي ڪجھ سمجهڻ جا خواب، ٻاهر دنيا سان هٿ آزمائڻ جا مسئلا وغيره. پر اهم مسئلو آهي جواني ۾ پير رکڻ.... اهڙا ڪتاب ڪين پڙهائجن ۽ مسئلا سيکارجن ته جيئن هو انهيءَ لڪ مان سٺي نموني سان لنگهي پار پوي ۽ غلط صحبت ۾ ڦاسي غلط ڪارين جي ور چڙهي پاڻ کي، ماحول کي ۽ والدين کي خوار خراب نه ڪري وجهي.

ڇوڪرين جي پرورش: اسان جو ڇوڪرين بابت اهو ئي ساڳيو حال ٿي چڪو آهي جيڪو اسلام کان اڳ هيو. ڇوڪري جي ڄمڻ تي وڏيون خوشيون ۽ دماما وڄائيندا آهيون ۽ ڇوڪريءَ جي ڄمڻ سان ڄڻ ڪڪر ٿي ميڻهن! ڪو مبارڪ ڏيڻ لاءِ لڙي نه ايندو ۽ نه وري گهر ڏٽي ئي ڪنهن کي چوندو ته ڪو ڌيءَ ڄائي آهي. ان جو نقشو الله پاڪ هيئن بيان ڪيو آهي: وَاِذَا بُشِّرَ اَحَدُهُمْ بِالْاُنْثٰى ظَلَّ وَجْهُهٗ مُسْوَدًّا وَّهُوَ كَظِيْمٌ ﴿۵۸﴾ يَتَوَارٰى مِنَ الْقَوْمِ مِنْ سُوْٓءِ مَا بُشِّرَ بِهٖ ( ۽ جڏهن منجهائئن ڪنهن کي ڌيءَ جي ڄمڻ جي مبارڪ ڏجي ٿي ته سندس منهن ڪارائجي وڃي ٿو ۽ رت جا ڍُڪ پريندو رهي ٿو ۽ ان انهيءَ نامبارڪ ڳالھ جي ڪري، جا ڪيس ٻڌائي وئي. ماڻهن کان لڪي ڇپي پيو هلندو آهي. (سورت النحل-58-59)



ڪيترن معاشرن ۾ ڇوڪريءَ ۽ ڇوڪري جي پالنا ۽ تربيت ۾ فرق رکيو وڃي ٿو. ڇوڪري کي وڌ ترجيح ڏيڻ سان ڇوڪري ويچاري احساس ڪمتريءَ جو شڪار ٿي وڃي ٿي.

ڪي وري ڇوڪريءَ کي هڪ قسم جو بوجھ سمجهي جهڙي تهڙي ڇوڪري سان پرڻائي جند ڇڏائيندا آهن ۽ پنهنجن هٿن سان پنهنجي نماڻي نياڻيءَ کي جهنم ۾ اڇلي ڇڏين ٿا. والدين جو فرض آهي ته نياڻيءَ لاءِ مناسب، ديندار ۽ پلو رشتو ڳولي لهن.

سمجهدار ماءُ ڇوڪريءَ کي عمر وڌي ٿيڻ ۽ جسماني تبديلين ۽ ڦير گهير بابت به هدايتون ۽ سمجهاڻيون ڏيندي رهي. قرآن ۽ حديث جي روشنيءَ ۾ آئينده جا سبق ڪيس سيکاريندي رهي. شادي ۽ ان کان پوءِ ڏاريئي گهر ۾ رهڻ جا طور طريقا، سس سهري ۽ ٻين رشتيدارن جا حق ۽ انهن سان سٺي نموني وقت گذارڻ جون واٽون چڱي طرح سمجهائي ته جيئن آئينده واري زندگي ۾ عملي طور پير رکڻ لاءِ ڇوڪري اڄ کان وٺي ذهني طور تيار رهي.

---

# انقلاب جا ٻه نظريا

1- حڪومت ۽ اقتدار حاصل ڪري، پوءِ علمي، معاشرتي ۽ سماجي تبديلي ڪئي وڃي ۽ ان کي انقلاب چوندا آهن.

2- پهريان، پرچار يعني تعليم ڏني وڃي، پوءِ آهستي آهستي ترقي ڪندي ان کان پوءِ مملڪت حاصل ٿي وڃي، ان کي ارتقائي اصلاح چوندا آهن.

قرآن جا ٿو سيکاري:

اسان جا علماءِ ، ارتقائي اصلاح چون ٿا.

گذريل سڀ تفسير اهو ئي سيکارن ٿا. چو ته اهي سڀ ان وقت لکيا ويا جڏهن اسلامي بادشاهتون قائم هيون. ان ڪري انهن کي انقلاب جو خيال نه اچي سگهيو. . انهن ضروري سمجهيو ته علم جي ترقيءَ جو رستو ڏيکاريو وڃي.

اسلام ۾ انقلاب جي تعليم

اسلام ڪيئن ڪم شروع ڪيو؟ ان جي بنيادي تعليم آهي ته ان الحڪم الاالله...... يعني پهريان الله جي حاڪميت (خلافت) مطلب ته زمين جي حڪومت پر پنهنجي لاءِ نه بلڪ خدا لاءِ.

هيءُ بادشاهت جو انڪار آهي. ان جو مطلب آهي ته خدا جو قانون جو رسول الله صلي الله عليہ وسلم جي ذريعي مليو آهي، ان جي حڪومت قائم ٿيندي. جيئن ان جو قانون آسمان تي آهي، تيئن زمين تي به ان جو قانون جاري ٿيندو. اهو قاعدو سڀني نبين جي بنيادي تعليم رهيو آهي. ان کان پوءِ معاشرتي اصلاح ۽ علمي تبديليءَ جي ضرورت آهي پر اهي سڀ ضميما آهن. (از: امالي مولانا عبيدالله سنڌي)

**نور احمد ميمڻ**

# دعوت جو دائره ڪار

اڄڪلھ دعوت جو لفظ هڪ فيشن بڻجي ويو آهي. ڪيترا ماڻهو آهن جيڪي پانت پانت جي ڪمن ۾ مشغول آهن ۽ ان کي هو دعوت جو نالو ڏين ٿا. ڪجھ ماڻهو مسلڪن جي پرچار ۾ آهن، اهي به ان کي دعوت جو نالو ڏين ٿا. ڪي ماڻهو مناظرن جو ڏي جواب ۽ وٺ جواب ۾ رڌل آهن، اهي به ان کي دعوت جو نالو ڏين ٿا. ڪيترا ماڻهو قائدن جي ريلين ۽ انهن جي اختيار ڪيل سياسي سرگرمين جي دفاع ۾ مصروف عمل آهن، اهي به ان کي دعوتي ڪم جو حصو سمجهن ٿا. ڪي ماڻهو وري اهڙي ئي قسم جي ٻين ڪمن کي به. اهي سڀ ماڻهو پنهنجي پنهنجي ڪم کي دعوت جو ڪم سمجهن ٿا. مسلڪي برتريءَ جي پرچار کي ڪنهن به لحاظ کان دعوت جو ڪم هرگز قرار نٿو ڏئي سگهجي. قرآن ۾ واضح چيو ويو آهي ته پيغمبر کي به هي حق نه ڏنو ويو آهي ته اهو ماڻهن کي پنهنجي چوڌاري ڦيرائي، پر اهو به ماڻهن کي هي چوندو ته اوهان رباني انسان بڻجي وڃو (آل عمران 79)

حقيقت هي آهي ته دعوت جو ڪم خاص خدائي ڪم آهي. ان جو اصول ۽ ان جو طريقو، ٻئي الله تعاليٰ پنهنجي موڪليل ڪتاب قرآن مجيد ۾ ٻڌائي ڇڏيا آهن. دعوت جي اها ذميداري قرآن حڪيم ايمان وارن کي مختلف حيثيتن جي لحاظ کان الڳ الڳ صورتن ۾ ڏني آهي. پر انهن سڀني صورتن جو مقصد هڪ ئي آهي جنهن کي قرآن ۾ دعوت الي الله سڏيو ويو آهي يعني هڪ الله جي طرف سڏڻ. ان کان علاوه جيڪي ڪم آهن تن کي دعوت جو نالو ڏئي نٿو سگهجي

### پيغمبرن جي دعوت

ارشاد آهي: ”اي پيغمبر اسان توکي حالتن کان واقف ڪرڻ وارو ۽ خوشخبري ٻڌائڻ وارو ۽ (ٻڇڙن نتيجن کان) ڊيڄارڻ وارو ۽ الله ڏي سندس حڪم سان سڏيندڙ ۽ روشن ڏيئو ڪري موڪليو.“ (الاحزاب 45-46) .

هي پيغمبر اسلام صلي الله عليہ وسلم جو دعوت وارو منصب آهي، جنهن جي وضاحت الله تعاليٰ هن آيت ۾ پوري تفصيل سان بيان ڪري ڇڏيو آهي. الله تعاليٰ جا جيڪي به پيغمبر دنيا ۾ آيا، قرآن مان معلوم ٿئي ٿو ته اهي انهيءَ دعوت الي الله ۽ انذار ۽ بشارت جي لاءِ آيا. سورت بقره ۾ ٻڌايو ويو آهي ته ”ماڻهو هڪ ئي جماعت هئا، (انهن اختلاف ڪيو ۽ فرقا ٿاهيا) ته الله بشارت ڏيندڙ ۽ خبردار ڪندڙ نبي موڪليا.“ (آيت 213)

### ذريت ابراهيم جي دعوت

وري انهيءَ دعوت جي ذميداري پيغمبرن کان پوءِ ذريت ابراهيم تي پئي آهي. قرآن ۾ واضح ٻڌايو ويو آهي:



”الله جي راھ ۾ سِرَ ڌڙ جي بازي لڳايو. ان جي راھ ۾ بي انتها ڪوشش ڪرڻ جو جيڪو حق آهي، سو پوريءَ طرح بجا آڻيو. الله تعاليٰ اوهان (مسلمانن) کي وڏي فضيلت لاءِ چونڊي ڪنيو آهي ۽ توهان جي لاءِ دين ۾ ڪنهن به قسم جي تنگي (يا تڪليف) ڪا نه رکي اٿس. توهان لاءِ اهو ئي (سنئون سڌو) طريقو ڏسيو ويو آهي جيڪو توهان جي پيءُ حضرت ابراهيم جو هو. الله تعاليٰ توهان جو نالو مسلم رکيو آهي. اڳوڻن زمانن ۾ به ۽ هن (قرآن) ۾ به اهو هن لاءِ ڪيائين ته رسول (صلي الله عليہ وسلم) اوهان جي حق کي پڌرو ڪري. ۽ توهان وري سڀني انسانن لاءِ حق سيڪاريندڙ ٿيو.“ (الحج-78).

ذريت ابراهيم مان هن امت کي ”امة وسطا“ قرار ڏنو ويو آهي ۽ انهن جي مٿان ذميداري وڌي وئي آهي ته جيڪا ڳالھ رسول اوهان کي پڌري ڪري ڏني آهي، هاڻي اها شهادت اوهان ئي باقي دنيا تائين پهچائيندؤ . (البقره -143).

### علماءِ جي دعوت

باقي دنيا تائين دعوت پهچائڻ جو هڪ بار عالمن جي مٿان آهي. ارشاد آهي:

”۽ ائين ممڪن نه هو ته سڀئي مسلمان (پنهنجي گهرن مان) نڪري ڪڙا ٿين (۽ ديني تعليم جي مرڪز ۾ اچي تعليم وٺن) پوءِ چو نه ائين ڪيو ويو ته هر گروھ مان هڪ ٽولي اچي ها جيڪا دين جو علم حاصل ڪري ها ۽ دين کي سمجهي ها ۽ جڏهن (تعليم ۽ تربيت بعد) پنهنجي قوم ڏي موٽي وڃي ها تڏهن ماڻهن کي (جهل ۽ غفلت جي نتيجن کان) خبردار ڪري ها، انهيءَ لاءِ ته گناهن ۽ برائين کان بچن.“ (التوبہ -122)

دعوت جو هي حڪم علماءِ جي لاءِ آهي. الله تعاليٰ فرمائي ٿو ته سڀني مسلمانن لاءِ اهو ممڪن ناهي. ليڪن انهن جي هر جماعت مان ڪجھ ماڻهن کي لازمي طرح انهيءَ مقصد لاءِ نڪرڻ گهرجي ته اهي دين جو علم حاصل ڪن ۽ پنهنجي قوم جي لاءِ نذير بڻجي ڪين دنيا ۽ آخرت جي عذاب کان بچائڻ جي ڪوشش ڪن. هتان اهو به معلوم ٿئي ٿو ته جيڪي جاڪوڙي انهيءَ ڪم لاءِ تيار ٿين. انهن لاءِ ضروري آهي ته اهي ڀرپائين دين جو گهرو علم حاصل ڪن. ليتفقهوا جو مقصد آهي ته اهي دين ۾ بصيرت پيدا ڪن ۽ ان جي حقيقتن کي سمجهندڙ هجن.

هن آيت مان هي ڳالھ به معلوم ٿئي ٿي ته عالمن کي پنهنجي پنهنجي قوم ڏانهن موٽي وڃي دعوت جو ڪم شروع ڪرڻو آهي. جيئن اڳيان نبي ”الا بلسان قومھ“ پنهنجي قومن ڏانهن دعوت جا ذميدار هئا، تيئن پيغمبر اسلام جي دعوت ته عالمگير آهي پر ان جي امت جا عالم ان دعوت جو دائرو پنهنجي پنهنجي قومن ۾ رکندا.

### رياست جو دعوتي ڪردار

مسلمانن کي دين جي قيام لاءِ خلافت/رياست جو قيام عمل ۾ آڻڻو آهي، جتان اجتماعي حيثيت ۾ مسلمان تلقين ۽ قانونن جي ذريعي انساني دنيا کي هدايت جو پيغام ۽ عمل آڇيندا. قرآن ۾ ارشاد آهي ته:

”۽ ڏسو تمام ضروري ڳالھ ھي آھي تہ توھان ۾ ھڪ جماعت اھڙي ھجي، جيڪا نيڪيءَ جي راھ جي دعوت ڏيندڙ ھجي. نيڪ ڪمن جو حڪم ڏئي ۽ برائين کان روڪي يقيناً اھي ئي ماڻھو ڪامياب ٿيندا. (آل عمران -103)

**شخصن جي دعوت**

قرآن جي روءِ سان ھر فرد جي ھي ذميداري ۽ ايمان جي بنيادي تقاضن مان آھي تہ ھو دعوت جي ڪم کي نباھيندڙ ھجي. اھو علامہ ھجي يا عام انسان، ڪنھن ڳوٺ جو رھواسي ھجي يا شھر جو رھاڪو. غير مسلمانن جي رياست ۾ ھجي يا مسلمانن جي منظم رياست ۾. ھيٺي حال ۾ رھندو ھجي يا ھوند سان گذاريندو ھجي. ھر حال ۾ مٿس دعوت جو فرض آھي. ھو پنھنجي زندگيءَ نيڪوڪاريءَ سان گذاريندو ھجي ۽ دعوت جي عمل کي بہ نباھيندو ھجي تہ قرآن ان لاءِ ضمانت ڏني آھي تہ دنيا ۽ آخرت ٻنھي جي عذابن ۽ گرفت کان آجو رھندو. وتواصو بالحق جي ذميداري انسان کي سيني خسارن کان بچائي ڇڏي ٿي.

---

## حڪمتِ قرآن اِنسٽيٽيوٽ

- قرآن حڪيم جي عصري اعلي تعليم ۽ تحقيق جو ادارو
- قرآن حڪيم جي دعوت، پرچار ۽ اشاعت جو ادارو
- عھد حاضر جي لاءِ مثالي ماڻھن جي تياري جو ادارو
- امام شاھ ولي الله جي تعليمي طريقي تي قرآن حڪيم جي عملي الاھياتي ۽ سماجي شعور جو ادارو

الحمدلله 2 سالن کان سڄي ملڪ جي ڪنڊڪڙڇ مان سوين عالم، استاد، شاگرد، دانشور، ڊاڪٽر، انجنيئر ۽ مختلف شعبن جا ماڻھو خط و ڪتابت ذريعي فھم قرآن، تدبر قرآن ۽ حڪمت قرآن ڪورسن جي تعليم حاصل ڪري رھيا آھن. امام شاھ ولي الله رحمۃ اللہ جي تعليمي طريقي تي جوڙيل ھنن ڪورسن ذريعي قرآن مجيد جي عملي الاھياتي فڪر ۽ سماجي شعور سان نہ صرف انھن جي علمي ۽ عملي صلاحيتن ۽ استعداد ۾ اضافو ٿي رھيو آھي بلڪ پنھنجي شخصيت جي ارتقا ۽ سماج لاءِ مؤثر ڪردار جي ادائگي جا مقصد بہ حاصل ڪري رھيا آھن.

اوھان بہ قرآن حڪيم جي ذريعي الله جي موڪليل ھدايت ۽ حڪمت کان بھرہ ور ٿيڻ گھرو ٿا تہ ھيٺين ايڊريس تي خط لکي داخلا فارم گھرائي سگھو ٿا.

**حڪمت قرآن انسٽيٽيوٽ: 6- سنڌي جماعت ڪوآپريٽو سوسائٽي،**
**نيشنل ھاءِ وي ڪراچي 75030 فون: 021-35000278**
**موبائيل: 0313-2707097**



**علامہ عبدالله منھاس**

# قرآن مجيد ـ مغربي دانشورن جي نظر ۾

ريورنڊ آر ميڪسويل ڪنگ ”دين اسلام“ تي ليڪچر ڏيندي سبي ٽيرين چرچ ۾ سامعين کي ٻڌايو تہ: ”اسلام جو آسماني ڪتاب قرآن آھي جيڪو محمد ﷺ جي نبوت جي زماني ۾ الھامن جو مجموعو آھي، ان ۾ نہ فقط اسلام جا اصول ۽ قانون لکيل آھن بلڪ اخلاق جي تعليم ۽ روزانہ زندگي گھارڻ متعلق ھدايتون بہ ڏنيون ويون آھن. ان لحاظ سان مسلمانن کي عيسائين تي سرسي حاصل آھي تہ اسلام جي مذھبي تعليم ۽ ان جو قانون بہ جدا شيون ناھن. قرآن يھودين، عيسائين ۽ زرتشتين جي مذھبن تي پوري پوري روشني وڌي آھي. جھڙي طرح خدا تعاليٰ يھودين کي تورات جي ذريعي ۽ عيسائين کي انجيل ذريعي رھنمائي ڪئي آھي تہ اھڙي طرح مسلمانن کي قرآن ذريعي سڌو رستو ڏيکاريو آھي. مذھب اسلام جو بنياد جمھوريت (عام مسلمانن سان مشاورت) تي رکيل آھي. ھو سيني انسانن کي ھڪجھڙو سمجھي ٿو. ان ڪري انساني روح کي ان ذات مقدس سان لاڳاپيل تصور ڪري ٿو جيڪو اڳ ئي ان سان گھرو تعلق رکي ٿو. اسلام جي عوامي تعليم ۾ ھڪ حصو عورتن سان بہ لاڳاپيل آھي. قرآن ۾ جتي بہ عورتن جو ذڪر ڪيو ويو آھي تہ ان لاءِ تعظيم ۽ احترام جا لفظ استعمال ڪيا ويا آھن. ماءُ سان محبت ڪرڻ ۽ ان کي بلند مرتبو ڏيڻ، زال سان پيار ۽ نرم رويو اختيار ڪرڻ تي گھڻو زور ڏنو ويو آھي. اسلام جي مڃيندڙن جو حُسن اخلاق نھايت قابل تعريف آھي. انھن جو رويو ۽ برتاءُ خدا جي حڪمن جي پيروي ۾ ھوندو آھي. مٿو جھڪائڻ ۽ راضي رھڻ ۽ پنھنجا سمورا ڪم رب جي حوالي ڪرڻ، مسلمانن جي مذھبي زندگي جي سڃاڻپ آھي.

جيڪو مذھب رب جي رضا تي راضي رھڻ جي اھڙي بھترين تعليم ڏئي، ان جا پيروي ڪندڙ سچائي جا دوست، انصاف چاھيندڙ، ڪرا ۽ واعدي جا پڪا ھوندا آھن. اسان جيڪڏھن انھن وصفن جو انڪار ڪيون تہ اسان جو عقل ئي ان ڳالھ جو ساٿ نہ ڏيندو.

اھا ڳالھ گھڻو ڪري چٽي ويندي آھي تہ قرآن محمد (ﷺ) جي تصنيف آھي ۽ ان ۾ جيڪو ڪجھ موجود آھي اھو سڀ توراۃ کان ورتل آھي؛ مگر منھنجو ايمان آھي تہ الھامي دنيا ۾ الھام جي نالي سان ڪا شيءِ آھي ۽ الھام جو وجود مڃيل آھي تہ قرآن مجيد ضرور ھڪ الھامي ڪتاب آھي. عيسائي چون ٿا تہ پيغمبر اسلام (ﷺ) سچو نبي نہ آھي ۽ قرآن سندس ناھيل ڪتاب آھي. جيڪڏھن اھا ڳالھ سچ ھجي ھا تہ محمد (ﷺ) کي اھڙي ڪتاب پيش ڪرڻ جي ڪھڙي ضرورت ھئي جنھن ۾ ھن کي ئي سرزنش ڪئي وڃي ٿي ۽ اھڙي ملامت کي قرآن ۾ رھڻ ڏنو ٿو وڃي.“

ڊاڪٽر عزينيہ فرانس جو پارليمنٽ ميمبر، پنھنجي اسلام جي قبول ڪرڻ جو سبب بيان ڪندي لکي ٿو تہ:

“مان جواني جو زمانو سمنڊ جي ڇولين ۾ گذاريو. اتي جهازن ۾ ڊاڪٽري جو پيشو هيو. هڪ دفعي مون کي قرآن جو هڪ نسخو موسيو ساقاري جي قلم سان فرانسيسي زبان ۾ ترجمو ڪيل هٿ آيو. ان ۾ مون “سورة نور” جي هڪ آيت جو ترجمو پڙهيو. ان ۾ اها ڳالهه چئي وئي هئي ته: “هو پنهنجي انڪار جي حالت ۾ اهڙي طرح پاڳلن وانگر هٿ ۽ پير هڻي ٿو جيئن ٻڏندڙ سردي جي موسم ۾ جڏهن ڪڪر ڇانيل هجي ۽ انڌيري ۾ هو ڪوشش ڪندو هجي.”

آيت هيءَ هئي: “أَوْ كَظُلُمَاتٍ فِي بَحْرٍ لُّجِّيٍّ يَغْشَاهُ مَوْجٌ مِّن فَوْقِهِ مَوْجٌ مِّن فَوْقِهِ سَحَابٌ ظُلُمَاتٌ بَعْضُهَا فَوْقَ بَعْضٍ إِذَا أَخْرَجَ يَدَهُ لَمْ يَكَدْ يَرَاهَا وَمَن لَّمْ يَجْعَلِ اللَّهُ لَهُ نُورًا فَمَا لَهُ مِن نُّورٍ” (سورة النور: ٤٠) جنهن وقت مون اها آيت پڙهي هئي، ان وقت مان اسلام قبول نه ڪيو هيو. نه ئي مونکي حضرت رسول رهبر ﷺ متعلق ڪا به ڄاڻ هئي. البت ايترو خيال آيو ته جنهن شخص هي ڪلام پيش ڪيو آهي اهو سموري عمر سمنڊن ۾ زندگي گهاري چڪو آهي. پر ان جي باوجود مون کي حيرت ٿي ته ڪنهن شخص لاءِ اهو ڪيئن ٿي سگهي ٿو ته هو گمراهه شخصن جي آوارگي متعلق اهڙو مختصر تبصرو ڪري سگهي. جنهن ۾ ٿورن لفظن ۾ سمنڊ جي سيني خطرن ۽ طبعي حالتن ڪي جامعيت سان بيان ڪري وجي ڄڻ ته هو پاڻ انهن حالتن جو مشاهدو ڪري رهيو آهي. اهڙي طرح ته سمنڊ جي حالتن جو ماهر انسان به تبصرو نٿو ڪري سگهي. ويتر حيرت جي ڳالهه مون لاءِ اها ٿي جيڪا بعد ۾ مونکي معلوم ٿي ته ان ڪلام جو پيش ڪندڙ ڪڏهن به سمنڊ جي سواري ڪانه ڪئي آهي ۽ هو هڪ “امي” به آهي ته مان فوري طرح قرآن کي هٿن ۾ ڪنيو. سورة نور جو مطالعو ڪيو ۽ ٻين آيتن ۾ غور ۽ ويچار ڪيم ته مون کي پورو يقين ٿي ويو ته هي ڪنهن انسان جو ڪلام ٿي نٿو سگهي. هي ته الله تعاليٰ جو وحي آهي. پوءِ مون اسلام قبول ڪيو ۽ هميشه اسلام قبول ڪرڻ تي فخر محسوس ڪريان ٿو. جيڪو منهنجي نظر ۾ هڪ معقول فطري دين آهي. ٻين مذهبن ۾ جيڪا بت پرستي آهي، انهن سيني شين کان هي مذهب پاڪ ۽ صاف آهي. هي شخصيت پرستي جي بجاءِ انسان کي خداپرستي ڏانهن وٺي وڃي ٿو.

موسيو اوجين ڪلافل نامور فرانسيسي مستشرق، جنهن يهوديت، عيسائيت ۽ مسلمانن جي عقيدن، مذهبي معاملن ۽ ڪتابن تي سموري عمر تحقيق ڪندي گذاري، هن هڪ مضمون ۾ جيڪو 1901ع ۾ فرانسيسي اخبارن ۾ شايع ٿيو، لکي ٿو:

“قرآن فقط مذهبي مسئلن ۽ عقيدن جو مجموعو ناهي بلڪ هن ۾ اجتماعي ۽ سوشل قانون به موجود آهن. جيڪي نوع انساني لاءِ زندگي جي هر معاملي ۾ مفيد آهن. ان طرح اسان چئي سگهون ٿا ته هن ڪتاب جي ذريعي تمدن جا قانون، ڏوهن ۽ انهن جي سزائن جا قانون ۽ قومن جا هڪ ٻئي سان رابطن جا قانون به انسانيت کي حاصل ٿيا. ان کان پوءِ انساني جسم جي صحت ۽ حفاظت جا قانون به مليا. حضرت محمد ﷺ ان نظام کي جنهن جو دائرو ڪشادو آهي ان کي دنيا جي سمورين قومن تائين ڦهلائڻ پيو گهري. بلڪ انهن کي مجبور پيو ڪري ته هو انهيءَ انصاف واري نظام کي قبول ڪن. ان مان ان جو اهو مقصد واضح ٿئي پيو ته هو مسلمانن کي مادي ترقي جي بلند درجي تائين پهچائڻ گهري پيو. ان ڪري يورپ ۾ “قومي اتفاق” جو مسئلو جيڪو بحث هيٺ هلي پيو، اها نئين ڳالهه ناهي. ڇو ته اسلام جو بنياد ئي قومي اتفاق تي رکيل آهي. اسلام جو مقصد اهو پيو معلوم ٿئي ته هو دنيا جي سمورن قومن



کي اسلام جي جهنڊي هيٺ گڏ ڪري. مسلمانن جي اتفاق جو مسئلو سلافي ۽ جرمن قوم جي خيالن کان گهڻو مختلف آهي. جڏهن اسان ڏسون پيا ته انهيءَ زماني ۾ پيغمبر اسلام جڏهن نبوت ۽ رسالت جو جهنڊو بلند ڪيو ۽ هڪ ڪامل قانونن جو دستاويز انسانن کي ڏنو جنهن ۾ ملڪي، مذهبي ۽ تمدني هدايتون مڪمل هيون ته اسان کي حيرت لڳي ٿي ته اهڙو عظيم الشان رياست جو نظام نهايت سچائي، ديانت ۽ آزادي سان هڪ بلند ترين سوچ جو نتيجو آهي.”

جان ڊيون پورٽ جيڪو مشهور اديب ۽ اسڪالر آهي، اهو پنهنجي تصنيف “دي گريٽ ٽيچر” صفحه 96 ۾ لکي ٿو ته:

”قرآن هڪ آسان ۽ سولو مذهبي قانون آهي جنهن ۾ انساني زندگي جي سڌاري لاءِ سڀ ڪجهه موجود آهي. هن ڪتاب جي هڪ وڏي خصوصيت اها آهي ته هن جون تعليمات انساني فطرت جي مطابق آهن ۽ نهايت دلڪش انداز سان اصلاح جي دعوت ڏئي ٿو. هن جي عام فهم تعليمات جي ذريعي عرب جي اڻ پڙهيل ۽ قبائلي انسانن ۾ تبديلي اچي وئي ۽ هو نه صرف پاڻ سڌريا بلڪ انسانن جا مصلح بڻجي ويا. قرآن جي مذهبي قانون هڪ طرف روح جي اصلاح جي هدايت ڪئي آهي ته ٻي طرف دُنوي ترقي جا انمول اصول ٻڌايا آهن. قرآن ٻڌائي ٿو ته پنهنجي روزي لاءِ خوب محنت ڪريو. “و اجملوا في الطلب” انسان لاءِ ٻيو ڪجهه ناهي سواءِ ان جي جو هو محنت ڪري ”وَأَن لَّيْسَ لِلْإِنسَانِ إِلَّا مَا سَعَىٰ“ (النجم: ٣٩) محنت جو ڪيڏو بهترين شاهڪار آهي جيڪو انسانيت کي ڏنو ويو. ڇا ان اصول کان پوءِ به ڪو چئي سگهي ٿو ته اسلام فطرت جي عين مطابق ناهي! تاريخ ٻڌائي ٿي ته جن نيڪ طرح قرآن تي عمل ڪيو اهي روحاني طرح به ڪامياب انسان بڻيا ۽ مادي طرح به خوشحال ٿيا. جيڪي شخص هن ڪتاب جي هدايتن کي هميشه سامهون رکندا رهيا اهي عظيم مفڪر ۽ مدبر ٿي ويا. انهن جون دماغي صلاحيتون غير معمولي هيون. انهن جو فڪر بلند هيو ۽ اهي پنهنجي نفس تي ڪنٽرول به ڪندڙ هئا. نفس تي انهن جي حڪومت رهندي هئي. اهي هميشه غريبن ۽ ضعيفن جو اونو رکندا هئا. انهن سان وڏن ماڻهن جي مقابلي ۾ بهتر سلوڪ ڪندا هئا. انصاف جي ڳالهه اها آهي ته قرآن مجيد کان وڌيڪ بهتر دستور العمل انسان ذات لاءِ، نيڪي ڏانهن رغبت رکڻ ۽ برائڻ کان بچڻ لاءِ ٻيو ڪو به ٿي نٿو سگهي.

---

## روزي جو اصل مقصد

روزو آهي جيڪو اسان کي پرهيزگاري جو سبق ڏئي. روزو اهو آهي جيڪو اسان ۾ تزڪيو پيدا ڪري. روزو اهو آهي جيڪو اسان کي صبر، تحمل ۽ تڪليفن سهڻ جو عادي بڻائي. روزو اهو آهي جيڪو اسان جي حيواني سَگهُن ۽ ڏاڍ جي خواهشن ۾ وڇڙائي پيدا ڪري. روزو اهو آهي جنهن سان اسان جي اندر نيڪين جو جوش، صداقتن جو عشق ۽ نيڪوڪاريءَ جي ديوانگي ۽ برائين کان بچڻ جي قوت پيدا ڪري. اهي ئي شيون روزي جو اصل مقصد آهن باقي ته ٻيون سڀ شيون وسيلا ۽ ذريعا آهن. جيڪڏهن هي خوبيون اسان منجهه پيدا نٿيون ٿين ته پوءِ روزو، روزو ڪونهي. رڳو بک ۽ اڃ جو عذاب آهي. (مولانا ابوالڪلام آزاد، ارڪان اسلام)